

نوَ آکاٹيون

سلامتراءِ اوچيرام گرباٹي

نوَ آکاڻيون

سلامتراءِ اوچيرام گروباڻي

راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور

اِنساني رشتن ۽ ڀاوناڻن جون ڪهاڻيون

ڀارتيہ ڀاشائن جي ساهت جي هڪ ٻئي تي ٿيل اَثر جي تڪ تور ڪبي تہ هنديءَ جي جڳهہ سڀني کان وڌيڪ اَهم نظر اچي ٿي. هندي ساهت ڏڌريل ٧٥ ورهين ۾ جيترا انقلاب پئدا ڪيا آهن ٻي ڪابہ ڀارتيہ ڀاشا اُنسان شايد ئي ڪن هٽي سگهي. سنڌيءَ ۾ رچيل ساهت جو ٻين ڀاشائن ۽ ٻين ڀاشائن ۾ رچيل ساهت جو سنڌي ساهت تي اثر جاچڻ لاءِ ڪيل چند ڇاڻ جا ڇڻ اهڙا ئي نتيجا سامهون آيا آهن.

راجستان سنڌي اَڪاڊميءَ جي ڪوشش رهي آهي تہ سنڌيءَ جي ڀانڪن. کي ٻين ڀاشائن جي ساهت جي ڄاڻ ملي. راجستان ۾ هندي ۽ راجستاني عام فهم آهن. تنهنڪري اَڪاڊميءَ اِنهن ٻنهين ڀاشائن جو ساهت سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ جو ساهت اِنهن ڀاشائن ۾ شايع ڪرائڻ جي ڏس ۾ پنهنجي وت آهر مدد ڏني آهي. شري سلامت راءِ گرباڻيءَ جو موجوده ترجمو اڪاڊميءَ پنهنجي طرفان شايع ڪرايو آهي. هنديءَ جي نون مشهور ليکڪن جون سندن مشهور ڪهاڻيون سنڌيءَ جي ڀانڪن کي معياري ساهت سان گڏو گڏ اِنساني ڀاوناڻن ۽ رشتن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏينديون.

هونئن تہ ترجمو موُل جو مقابلو نٿو ڪري سگهي پر هي ڪهاڻيون ڀاشا، اُٿلت ۽ پيشڪش جي خيال کان موُل هندي ڪهاڻين جي بيحد ويجهيون ٿي بيٺيون آهن. اُميد آهي تہ ڪهاڻيون پڙهي سنڌيءَ جا ڀانڪ ڀاڳکي پهرين کان وڌيڪ شاهوڪار محسوس ڪندا.

ڀڳوان اٽلاڻي

صدر، راجستان سنڌي اڪاڊمي

Navan Aakhaniyoon
(नवं आखाणियूं)
(TRANSLATION)

Translator
SALAMATRAI OCHIRAM GURBANI

Year of Publication
1999-2000

Price
Rs. 80.00

Printed by :
Mahesh Printers & Publishers
231, Dadu Marg, Barkat Colony
Tonk Phatak, Jaipur - 15
© 571647, 591326

Publisher :
Rajasthan Sindhi Academy
J-7, Subhash Marg, C-Scheme
Jaipur -1
© 381399

ٻه اکر.........

هندستان جي آزاديءَ کان اڳ ۽ ائين ڪري چئجي ته لڏ پلاڻ کان اڳ سنڌ ۾ ٻين ڀاشائن جي رچنائن مان ترجمو هڪ رواجي ڳالهه هئي. سندر ساهتيه وارن جا ميلا رام جا ترجما ڪيل انيڪ ناول چپيل هئا، پر هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ اهو دؤر جڻ گهٽجي ويو ٿو ڏسجي.

هونئن به ٻين ڀاشائن مان سٺيون سٺيون رچنائون ترجمي ڪرڻ جي روايت سني آهي ۽ ان ريت ٻين ڀاشائن جي ساهت جو آدان پردان ٿئي ٿو. ان خيال کان ڪن سٺن نامور ساهتڪارن جون مون سٺيون آکاڻيون ترجمو ڪيون آهن. 'گهورڙيو' ۾ ليکڪ گهاگهر ۾ سمنڊ پلٽيو آهي. پريمڪا پريميءَ جو بوجو ته اتاري ورتو پر ان جو ملهه نه ڏيئي سگهي. 'پئنچ پرميشور' ۾ پئنچايت جو بي ڌپائيءَ ۽ بي طرفداريءَ جو فيصلو - سرپئنچ جنهن کي فيصلو ڏيڻو آهي، ان ۾ شخصي بغض ۽ وير جي ڀاونا حد کان وڌيڪ پرپور آهي پر تنهن هوندي به فيصلي ڏيڻ وقت اهي شخصي وير وروڌ هن جي مٿان غالب نٿا پون. اها 'پئنچ پرميشور' جي خوبي آهي. 'شاعر (ڪويءَ) جو تياڳ' ۾ ڪويءَ جو مهان تياڳ ڏيکاريل آهي. هو پنهن جون رچنائون پند ن جي سرڳواسي دوست جي نالي ۾ ڇپيندو رهي ٿو. 'پراشچت' ۾ سماج ۾ ڍونگه بازيءَ جوذڪر آهي. 'ڪاڪيءَ' ۾ معصوم ٻار جي معصوميت جو سنو ورٽن آيل آهي ته ڪيئن هو لغڙ جي ذريعي پنهن جيءَ سرڳواسي ڪاڪيءَ کي نياپو موڪلڻ چاهي ٿو. 'دشمن' ۾ انسان جو سدائين سهوليت ۽ آسانيءَ ڏانهن ڊوڙڻ هي 'دشم ن' ڏيکاريل آهي. 'سوت' ۾ برادريءَ جي وير وروڌ جي باوجود 'رت جي جهٻيءَ' جو ذڪر آهي. 'سزا' ۾ رسوئڻ سان همدردي

فهرست

... ...

جاڳي ٿي ۽ 'پرماتما جو ڪتو' ۾ اڄ جي پرشٽاچار جو چٽر ڏنل آهي.
مطلب اِهو آهي تہ هر ڪهاڻيءَ انسان جي من ۾ ڪو نہ ڪو اثر ڇڏيو آهي.

شل منهنجي هيءَ ڪوشش پاٺڪن کي ثاب پوي اهاهي منهنجي مراد آهي.

جئپور **سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي**

26.8.99

رڪشا بنڌن

202، ڪنور نگر، 302002

کهورڙيو

ليکڪ: شري جئه شنڪر پرساد

پهاڙن جي تراهيءَ ۾ هڪ ننڍو سائو سبز گونڊو آهي. بهار جي سندر هوا پهاڙن کي ڇهندي، گلن جي سڳنڌ کي پاڻ سان کڻندي گونڊي جي جهوپڙين کي سڳنڌ سان ڀري ٿي ڇڏي. ماٿريءَ ۾ برف جهڙا اڇا ڌوڙ پاڻيءَ جا جهرڻا جڻ ته ان کي ٻانهن ۾ جڪڙي ويٺا آهن. ان رمڻيڪ ٽڪري ۾ هڪ پنل سنگيت سدا هلندو رهي ٿو، جنهن ۾ بلبل جي آواز جهڙي لهر اٿي ٿي ٿي.

انار جي لال گلن جي رنگيلي ڇايا، نماشام جي سج جي ترورن سان چمڪيلي ٿي رهي آهي. شيرين ان جي هيٺان هڪ پٿر تي ويهي سامهون گلابن جي جهڳٽن کي ڏسي رهي هئي جنهن ۾ ڪيتريون ئي بلبليون ڇهچهائي رهيون هيون ۽ هوا سان لڪ چپ راند ڪندي پنهنجي آواز سان آسمان کي گونجائي رهيون هيون.

شيرين اچانڪ پنهنجو پڙدو هٽائي ڇڏيو. قدرت خوش ٿي کلڻ لڳي. گلابن جي ميڙ ۾ شيرين جو مکڙو راجا وانگر ڀڪي رهيو هو. منهن ۾ پريل ماکيءَ سان ڀ نيل پئونر انهن گلابن تان اُڏامڻ ۾ اسمرٿ هئا جو پوئنرن جا پر اسمرٿ هئا. ڪانٽيدار ٽارين جي ڪابه پرواهه نه ڪري، بلبلين جو انهن گلن ۾ گهسڻ ۽ اُڏامڻ جي سلسلي کي شيرين سڌ ٻڌ وڃائي ڏسي رهي هئي.

هن جي ساهيڙيءَ جليخان جي اچڻ ڪري شيرين جي ايڪانت ڀاونا ٽٽي پئي. پنهنجو پڙدو هٽائيندي جليخان چيو 'شيرين! هوءَ تنهنجي هٿن تي وهڻ واري بلبل اڄ ڪلهه ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.'

آهه ڀريندي شيرين چيو 'تهه ٿڌ ۾ پنهنجي وڳر سان گڏ هوءَ ميدان جي طرف هلي ويئي. بهار ته اچي ويو پر هوءَ ڪانه آئي.'

شيرين پنهنجي ان ڪلپنا سان ڇرڪجي ويئي. ڪافلي سان گڏ پنهنجي ملڪيت کي پلاٽي ھوءَ خئبر جي تڪليفن کي پاوناٺن سان پار ڪرڻ لڳي.

سندس اِڇا ٿي ته هندستان جي هر هڪ گرھستيءَ کي اسين ايترو ته ڏن ڏيون ته جئين هو ضرورت نه هوندي به هن نوجوان جي سيني شين جو ملھ ڏيئي ان جو بوجو لاهي وٺن. پر سرل ۽ معصوم شيرين مجبور هئي سندس پتا هڪ نردئي پهاڙي سردار هو. هن پنهنجو منهن جهڪائي ڏنو ۽ هوءَ ڪجھ سوچڻ لڳي.

منهن اونداهي ٿيڻ لڳي. پکين جو آلاپڻ به بند ٿيو. شيرين جي ساھ وانگر هوا جي رفتار به رڪجي ويئي ۽ سندس پنهي پٿر جي چٽان سان ٽڪجي ويئي.

ايتري ۾ داسيءَ اچي سندس خيالن ۾ رخنو وڌو ۽ چيو ”بيگم سڏي رهي آهي. هل! مئندي اچي ويئي آهي.“

... .

مهينا گذري ويا. شيرين جو وهانءُ هڪ شاهوڪار سردار سان ٿي چڪو. جهرڻي جي ڪناري شيرين جي باغ ۾ تبنو لڳل آهي. بهار جي هوا پنهنجي هڪ هڪ هلڪي ٿڦڙ سان انيڪ گلن کي ڇهندي پئي وڃي. ماڪيءَ جي ڏارا وهڻ لڳي ٿي. بلبليون ان جي ڪنورتا تي رودن ڪرڻ لڳن ٿيون. شيرين سڀ سهارو ڪندي ويئي. سردار جو منهن اتساھ سان پرپور هو. اهو سڀ هوندي به اها هڪ سندر پرپات هئي.

هڪ ڪمزور ۽ لنبو جوان پنيءَ تي ڳنڙي رکيل سامهون اچي ويهي رهيو. شيرين هن کي ڏنو پر هو ڪيڏانهن به نظر نٿو ڦيرائي ۽ پنهنجو سامان کولي سينگارڻ لڳو.

سردار پنهنجي پريتما جي سوغات لاءِ ڪاچ جي پيالي ۽ ڪشمير جو سامان چوندڻ لڳو.

شيرين چپ چاپ ويٺي هئي. هن جي هرديه ڪنن ۾ روئڻ جو

”ٻڌو آهي تہ هو سڀ هندستان ۾ ڪافي دور تائين هليون وڃن ٿيون. ڇا اهو سچ آهي شيرين؟“

’ها پياري! انهن کي آزاد گهمڻ ۾ آنند ايندو آهي. انهن جي ذات ڪافي آزاد پسند آهي.‘

’تو پنهنجي گهنڊيندار وارن جي ڇڳن سان ڪيس ڇو نہ ٻڌي ڇڏيو.“

” منهن جون ڇڳون انهيءَ پکيءَ لاءِ ڍليون ٿيو وڃن.“

”نيڪ! موتي ايندو. تون ڪا چنتا نہ ڪر. ڇڱو مان هلان ٿي.“

شيرين پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو جليخان هلي ويئي.

... .

جڏهين پهاڙي آڪاش ۾ سنڌيا پنهنجي رنگيلي چادر ڦهلائي ٿي، جڏهين پکي پنهنجو سر آلا پيندي قطارن ۾ اڏامندا گهاٽين ٿارين ڏانهن موٽن ٿا ۽ پنهنجي ڪومل پرن سان آڪاش ۾ لهر اٿارن ٿا، جڏهين گلاب حد کان وڌيڪ سگنڌ لٽائي سائي چادر ۾ پنهنجو مکڙو لڪائڻ ٿو چاهي، تڏهين شيرين جي آشائن پري نگاه جڻ تہ اکين جي پلڪن ۾ لڪڻ لڳي. هوءَ جاڳندي بہ سپني جي ڪلپنا ڪرڻ ۾ لڳي.

هندستان جي هڪ خوشحال شهر جي هڪ گليءَ ۾ هڪ نوجوان پنيءَ تي ٻُنڙي رکيل گهمي رهير آهي. محنت ۽ مسڪينيءَ ڪارڻ سندس منهن لٿل آهي ۽ ٿڪجي ڪري هو ڪنهن جي دروازي تي ويهي رهيو آهي. ڪجهہ وڪٽي ڪري ان ڏينهن جي آجيوڪا حاصل ڪرڻ جي آنڌ مانڌ ان جي قياس پرين ڳالهين مان ٽپڪي رهي آهي. پر هو گرهستي چئي رهيو آهي ”توکي اوڌر ڏيڻي هجي تہ ڏي نہ تہ پنهنجي ٻُنڙي ڪڻ. سمجهيو آغا؟“

نوجوان چئي رهيو آهي ”مون کي اڌار ڏيڻ جي طاقت نہ آهي.“

”تہ مونکي بہ ڪجهہ نہ گهرجي.“

پئنانچ پرميشور

ليکڪ: منشي پريمچند

جمن شيخ ۽ الغو چوڌريءَ ۾ گهري دوستي هئي. پائيواريءَ ۾ کيتي ۽ لين دين جو ڪم ڪندا هئا. هڪ ٻئي تي اٽل وشواس ۽ ڀروسو هوندو هون. جمن جڏهين حج ڪرڻ ويو هو ته گهر الغوءَ جي آسري تي ڇڏي ويو ۽ الغو ڪڏهين ٻاهر اندر ايندو ويندو هو ته جمن جي سهاري گهر ڇڏي ويندو هو. انهن ۾ نه کاڌي پيتي جو وهنوار هو نه ڌرم جو ناتو، صرف پاڻ ۾ ويچار ملندا هين ۽ اهوئي دوستيءَ جو مول منتر آهي.

انهن جي مترتا جو جنم ان وقت ٿيو جڏهين ٻئي ٻار هئا ۽ جمن جو پيءُ جمعي راتي انهن کي پاڙهيندو هو. الغوءَ اُستاد جي خوب شيوا ڪئي، خوب رڪيبيون مليون، خوب پيالا ڌوتا، خوب سقا ناهيا. الغوءَ جو پيءُ پراڻي ويچارن جو شخص هو ۽ سندس ويچار هو ته وديا پڙهڻ سان نه پر گروءَ جي آشيرواد سان ايندي آهي. ٻئي ڳوٺ ۾ پنهنجي پنهنجي کيتر ۾ هلندي پڄنديءَ وارا هئا.

(٢)

جمن شيخ جي هڪ ٻڍي ماسي هئي جنهن وٽ ٿوري معمولي ملڪيت هئي پر سندس ڪو وارث نه هو. جمن ڪوڙا سچا واعدا ڪري اها ملڪيت پنهن جي نالي ڪرائي ڇڏي. جيستائين سوغات پتر (GIFT DEED)رجسٽري نه ٿيو هو تيسين سوڌو ماسيءَ جو خوب آدر ستڪار ڪيو ويو، خوب سوادي کاڌا، حلوا پلاءُ کيس کارايا ويا پر سوغات پتر تي رجسٽريءَ جي مهر لڳڻ سان جڻ ته ماسيءَ جي خاطرداريءَ تي به سيل مهر لڳي ويئي. جمن جي ڪنوار ڪريما روٽيءَ سان گڏ تيز اکرن جا مرچ مشالا به ڏيڻ لڳي. جمن شيخ به نٺر ٿي ويو ۽ ماسيءَ کي هاڻ روز مرهه طعنا تنڪا ۽ مهڻا سهڻا پيا.

آواز گونجي رهيو هو. سردار شين جو اگهه پڇيو. نوجوان چيو ”مان سوکڙي طور ڏيان ٿو، وڪڻان ڪونه ٿو. هيءُ ولائتي ۽ ڪشميري سامان مان چونڊي آندو آهي. انهن ۾ رقم هي نه، پر دل به لڳل آهي. هي ملهه تي وڪڻڻ واريون نه آهن.“

سردار تکي ۽ ڪڙڪ آواز ۾ چيو ”تڏهن ته مون کي به نه گهرجي هي سامان، اُت، کٽي وڃ.“

”ٺيڪ آهي. کڻي ٿو وڃان. مان ڏاڍو ٿڪل آهيان. ٿورو وقت ڏيو هان ته مان هٿ منهن ڌوئي وٺان.“ ائين چئي نوجوان پنل ۽ پربل اکين کي روڪي اُتي هليو ويو.

سردار سمجهيو جهرٽي طرف ويو هوندو. ڪافي دير ٿي ويئي پر هو نه موٽيو. گهري چوٽ ۽ پيڙا کي سهندي، هٿن سان ڪليجي کي دٻائي، شيرين گلاب جي گلن جي تارين کي يڪ ٽڪ ڏسڻ لڳي. پر سندس آنسن پربل اکين کي ڪجهه به ڏسڻ ۾ ۽ سمجهه ۾ نه پي آيو. سردار پريم سان سندس پٺيءَ تي هٿ ڦيريندي چيو ”چ ڏسين رهين آهين؟“

” منهنجي هڪ پاليل بلبل ٿڌ جي موسم ۾ هندستان جي طرف هلي ويئي هئي. اها اڄ صبوح جو اچانڪ ڏسڻ ۾ آئي. پر جڏهن اها ويجهو ۽ نزديڪ آئي ۽ مان کيس پڪڙڻ چاهيو ته پڇي کوهه ڪاف حي طرف رواني ٿي ويئي.“ شيرين جي آواز ۾ ڏڙڪ هئي پر تنهن هوندي به هوءَ اکر سنيالي چئي رهي هئي. سردار کلندي چيو ”عجب آه! گلن کي بلبل جي کوج؟“

گهورڙيو پنهنجو سامان نه ڇڏي ويو پر وري واپس نه وريو شيرين هنجو بوجو نه اتاري ورتو پر انجو ملهه نه ڏيئي سگهي.

...

پئي، پير پڇي پيا پر نوبت پيدا ٿي هئي ان جو نپٽاڙو ڪرائڻ ضروري هو.

ورلوئي ڪير هوندو جنهن ڪي ٻڍي ماسيءَ پنهنجو درد جو داستان نہ ٻڌايو هجي. ڪيترن مٽاڇڙي من سان ’هون ها ‘ چئي ٽاري ڇڏيو، ڪيترن هن قسم جي بي انصافيءَ تي زماني کي گاريون ڏنيون. اهڙا ڪي نياءَ پسند تمام ٿورا هئا جنهن ٻڍيءَ جي دردي داستان کي غور سان ٻڌو هجي ۽ ڪيس آٿت ڏنو هجي. سيني پاسن کان گهمي ڦري ٻڍي ماسي الغو چوڌريءَ وٽ بہ آئي. لڻ ڇڏي، ٿورو ساهہ پٽي چوڻ لڳي ”ٻچا! تون بہ ٿوري وقت لاءِ منهن جي پئنچايت ۾ اچ.“

الغو:- مون کي گهرائي ڇا ڪندينءَ. ڪيترن ڳوٺن جا آدمي تہ ايندائي.“

ماسي:- پنهنجي ويدنا تہ سيني وٽ روئي آئي آهيان. اچڻ نہ اچڻ تہ انهن جو ڪم آهي. اسان جو غازي ميان تہ هڪ ڳانءِ جي رنب ٻڌي پيڍيءَ تان اُٿي هليو آيو هو تہ ڇا هڪ بيڪس ٻڍيءَ جي فرياد تي ڪير نہ ايندو؟“

الغو :- ائين اچڻ خاطر تہ مان بہ ايندس پر پئنچايت ۾ ڳالهائيندس ڪونہ.

ماسي:- ڇو ٻچا!

الغو:- ان جو ڇا جواب ڏيانءِ. منهن جي مرضي. جمڻ منهنجو پراڻو دوست آهي ان سان بگاڙي نٿو سگهان.

ماسي:- ٻچا! بگاڙي جي ڀو کان دڃي ايمان ڪوهي وهندين ۽ ايمانداريءَ جي ڳالهہ نہ چوندين؟

ائين تہ نامعلوم اڻجاڻائيءَ ۾ ڌرم ۽ گيان جي ڪيتري بہ هاجي چو نہ ٿئي پر هڪ دفعو للڪار ٻڌڻ کان پوءِ خبرداري پنهنجو ديرو ڄمائي ٿي.

الغو ٻڍي ماسيءَ جي ان سوال جو نہ ڪو جواب ڏيئي نہ سگهيو

”ٻڍي خبر نہ آهي ڪيترو وقت جيئري رهندي. ٻہ ٽي جريب
زمين ڇا ڏني اٿس جڻ تہ خريد ڪري ڇڏيو اٿس. ٻوڙ پلاءُ کان سوا
جڻ تہ گرهہ هيٺ نٿو لهيس. جيترو کيس کارايو آهي اوتري ۾ ت
هي ڳوٺ خريد ڪري سگهجي ها.“

ڪجهہ ڏينهن تہ ماسيءَ ٻڍوءِ سنو پر جڏهين سهي نہ سگهي ت
جمڻ کي شڪايت ڪيائين. جمڻ ٻڌو اڻٻڌو ڪري ڇڏيو. ڪجه
ڏينهن ڪٽ پٽ هلندي رهي. آخر ۾ هڪ ڏينهن ماسيءَ جمڻ کي
چيو تہ ”ٻچا! هاڻ منهنجو توهان وٽ گذر ڏکيو آهي. تون مون کي
روپيہ ڏيندو ڪر مان الڳ رڌي کائيندس.“

جمڻ رکائي سان جواب ڏنو ”ڇا روپيہ هتي پيدا ٿا ٿين؟“

ماسيءَ نمرتا سان چيو ”مون کي بہ ڪجهہ تہ رکو سکو کپي
نہ؟ “

جمڻ گنڀير ٿي چيو ”اسان اهو ٿورو ئي سمجهيو هو تہ تو
موت سان جهيڙو ڪري آئي آهين ءِ جيئڻ جو پٽو لکائي آئي آهين.

ماسي بگڙي اُٿي ءِ هن پنچايت ڪني ڪرڻ جي ڌمڪ
ڏني. جمڻ کلڻ لڳو جهڙيءَ طرح شڪاري هرڻ کي چار طرف وبند
ڏسي من ئي من ۾ کلندو آهي ءِ چوڻ لڳو ”هان! ضرور پنچاي
ڪراءِ هڪ دفعو فيصلو ٿي وڃي. مون کي بہ هيءَ روز روز جي ک
پٽ پسند نہ آهي.“

پنچايت ۾ ڪنهن جي جيت ٿيندي ان لاءِ جمڻ کي سپن
۾ بہ شڪ نہ هو، آسپاس جي ڳوٺن ۾ اهڙو ڪير هو جو جمڻ ج
پلاين جو قرضي نہ هو، ڪير اهڙو هو جو ساڻس دشمني پيدا ڪر
جي همٿ رکي، ڪير اهڙو هو جو سندس سامهون ٽئي؟ آسمان
فرشتا تہ پنچايت ڪرڻ ايندا ڪو نہ.

(٣)

ان کان پوءِ ڪيترن ڏينهن تائين ٻڍي ماسي هٿ ۾ لڪڙ
ڪٽي آس پاس جي ڳوٺن ۾ هلندي رهي. سندس ڪمر ڪبي

رام ڏن مشر جنهن جي ڪيترين آسامين کي جمڻ شيخ پنهنجي ڳوٺ ۾ وسائي رکيو هو تنهن چيو ”جمڻ ميان ڪنهن کي ٿو پئنچ وارين؟ هاڻي ئي ٺهي وڃو نه ته پئنچ جيڪي فيصلو ڪندا سو مڃڻو پوندو.“

جمڻ کي آيل پئنچن ۾ گهڻو ڪري اهي نظر اچي رهيا هئا جن سان هن جي ڪنهن نه ڪنهن بهاني اٽڪڻ هئي.

جمڻ وراڻيو ' پئنچن جو حڪم الله جو حڪم آهي. ماسي جنهن کي چاهي پئنچ واري مون کي ڪوبه اعتراض ڪونهي.“

ماسيءَ چلائي چيو ”اڙي! خداءِ جا بندا، پئنچن جو نالو چو نٿو ڳنهي؟ ڪجهه مون کي به ته خبر پوي.“

جمڻ ڪروڌ مان چيو ” هن وقت منهن جو منهن نه کولاءِ هينئَر تنهنجي واري آهي، جنهن کي چاهين ان کي پئنچ مقرو ڪر.“

ماسي جمڻ جي ٽوڪ کي سمجهي ويئي ۽ چوڻ لڳي ” بچا! خداءِ جو خوف ڪر. چا ٿو چئين؟ پئنچ نه ڪنهن جا دوست ٿيندا آهن نه ڪنهن جا دشمن. بئي ڪنهن ۾ تنهن جو وشواس هجي يا نه، پر الغو چوڌريءَ کي ته مڃيندين؟ مان ان کي ئي ٿي سر پئنچ واريان.“ جمڻ شيخ جي آنند جي حد نه رهي پر باهريون بنو رکي چيائين ” الغو چوڌري ئي سهي. منهنجي لاءِ جهڙو رام ڏن تهڙو الغو.“

الغو ان جهنجهٽ ۾ پوڻ نه پي چاهيو ۽ آنا ڪاني ڪرڻ لڳو. چيائين ” ماسي توکي اها خبر آهي ته جمڻ منهن جو تمام گهرو دوست آهي.“

ماسيءَ گنڀير سر ۾ چيو ” بچا! دوستيءَ خاطر ڪير به پنهن جو ايمان ڪو نه وڪڻندو. پئنچ جي دل ۾ پرميشور وسي ٿو. پئنچ جي منهن مان جيڪا ڳالهه نڪري ٿي اها خدا جي طرف کان نڪري ٿي.“

الغو چوڌري سر پئنچ ٿيو- رام ڏن مشر ۽ جمڻ جي بين

پر سندس دماغ ۾ اهي اکر تہ ”ڇا بگاڙي جي پوَ کان ڊڄي ايمان
کوهي وهندين ۽ ايمانداريءَ جي ڳالهہ نہ چوندين؟“ هر گهڙي
گونجي رهيا هئا.

(۴)

سنجها جي وقت هڪ وڻ جي هيٺان پنچائت ڪٺي ٿي. جمڻ
شيخ فراس وڇائي رکيو هو ۽ پان، فوٽو، حقي وغيره جو بندوبست
ڪري ڇڏيو هو. هو پاڻ الغو چوڌريءَ سان گڏ البت ڪجهہ پر پر
ويٺو هو ۽ آئي وئي جو آدر ڪري رهيو هو. سڀ جڳهہ پرجي ويئي
جنهن ۾ البت گهڻا تماشبين هئا ۽ ڪوٺ ڏنلن ۾ گهٽي قدر اهي
آيل هئا جن کي جمڻ شيخ سان وير پاڙٽو هو. پر پرو چيٽا دکي رهيا
هئا ۽ پنچائت ۾ چلم بہ هلي رهي هئي ۽ اهو سمجهہ ۾ نہ پي آيو
چلم جي نڙ مان دونهون وڌيڪ نڪري رهيو هو يا چيٽن جي دکڻ
مان. ڳوٺ جا ڪتا اهو سمجهي تہ اُتي ڪا وڏي مجلس آهي، جهن
جو جهند اچي ڪنا ٿيا هئا.

پنچ اچي ويا تہ پڊيءَ ماسي انهن کي وينتي ڪندي چيو
” پنچو! اوهان کي جاڻ هوندي تہ اڄ پريا ٽي سال ٿيندا تہ ما
پنهن جي سڄي جائداد پنهن جي پاٽيجي جمڻ جي نالي سوغا
ڪري ڇڏي. جمڻ مون کي منهنجي زندگيءَ سوڌو اٽي لٽي ڏيڻ
واعدو ڪيو. هيترا ڏينهن تہ مان هن سان گهٽ وڌ ڪري ڪاٽيا
هاڻ رات ڏينهن کٽ پٽ سهڻ کان ٻاهر آهي. مون کي نہ پيٽ
روٽي ٽڪر ٿو ملي نہ تن لاءِ ڪپڙو. بيڪس بيواه آهيان، ڪيس
ڪري نٿي سگهان. اوهان کان سواءِ ڪنهن کي دک جو داستان ٻڌايان
اوهان جيڪو رستو ڪڍي ڏيو ان تي هلان. جي مون ۾ ڪا گهٽ
وڌائي ڏسو تہ مون کي ٺٺڙ هڻو جمڻ ۾ ڏسو تہ ان کي سمجهايو.
خام خواهہ بيڪس جي آهہ ٿو ڪٽي. پنچن جو حڪم اللهہ
حڪم آهي. توهان جو حڪم پرسر مٿي تي رکندس.“

پٽڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي. نامعلوم ڪهڙي جنم جو وير ٿو وٺي. ڇا ايتري پراڻي دوستي به ڪنهن ڪم جي نه رهندي.“

جمڻ شيخ اجا ان آنڊ مانڊ ۾ ئي هو ته ايتري ۾ الغوءَ فيصلو ٻڌائڻ شروع ڪيو. الغو چوڌريءَ پئنچايت جو فيصلو ڏيندي چيو ته ”جمڻ شيخ! پئنچن معاملي تي غور ڪيو آهي ۽ انهن کي اهو نيتي پٽاندڙ لڳي ٿو ته ماسيءَ کي ماهيانو خرچ ڏنو وڃي. اسان اهو محسوس ڪيون ٿا ته ماسيءَ جي جائداد مان ايترو اپراسو ضرور ٿئي ٿو جو کيس ماهيانو خرچ ڏنو وڃي. بس اسان جو اهو ئي فيصلو آهي جي جمڻ کي خرچ ڏيڻ منظور ناهي ته سوغات پٽر (Gift Deed) خارج (رد) سمجهي وڃي.

(۵)

فيصلو ٻڌنديئي جمڻ سناٽي ۾ اچي ويو. جيڪو دوست هجي سو ئي ڦري دشمن ٿي ڳلي تي ڇري ڦيري ان کي ڪال جو چڪر نه چئجي ته ڇا چئجي؟ جنهن تي پورو پروسو هو تنهن به وقت تي دوکو ڏنو اهڙي وقت تي ئي کوڙن سچن دوستن جي پرک پوندي آهي. اها ڪلجڳ جي دوستي آهي. جي ماڻهو ايترا ڪپٽي دوکيباز نه هجن ته هوند قدرت جي طرفان قهر ئي نه ٿين. هيءَ ڪالرا، پليگ وغيره اهڙن برن ڪمن جو ئي ڏنڊ (سزا) آهن.

پر رام ڏن مشر ۽ ٻيا پئنچ الغو چوڌريءَ جي هن قسم جي نيتي مريادا جي خوب ساراهه ڪري رهيا هئا ۽ چوڻ لڳا ته ”انهيءَ جو نالو پئنچات آهي. کير کير ۽ پاڻي پاڻي ڪري ڏيکاريائين. دوستيءَ جي جڳهه آهي مگر ڌرم جو پالڻ ڪرڻ مکيه فرض آهي. اهڙن ست پرشن جي ٻل تي ئي ته دنيا ٻيٺي آهي نه ته جيڪر ڪڏهانڪر غرق ٿي وڃي.“

هن فيصلي جمڻ ۽ الغوءَ جي دوستي جي پاڙن کي ڌوڏي ڇڏيو هاڻ انهن ۾ ايترو ملڻ جهلڻ نه رهيو. ايترو پراڻو دوستيءَ جو وڻ سچ جو هڪ جهوڪو به سهي نه سگهيو ڇڻ ته هو واريءَ تي کهر

مخالفتين بديءِ ماسيءَ کي اندر ئي اندر خوب ڪوسيو.

الغو چوڌريءَ چيو ”شيخ جمڻ، تون ۽ مان پراڻا دوست آهيون.
جڏهين جڏهين منهن جو ڪم پيو آهي تو مون کي مدد پي ڪئي
آهي ۽ مون ڪان به جيڪي پي پڳو آهي وقت آهر تنهن جي شيو
پي ڪئي اٿم، پر هن وقت نه تون منهن جو دوست ۽ نه مان تنهن جو
دوست. هن وقت بڍي ماسي ۽ تون ٻئي اسان جي نگاهن ۾ برابر
آهيو. توکي پئنچن کي جيڪي ڪجهه چوڻو هجي سو چئه.“

جمڻ کي پورو پروسو هو ته هاڻ بازي سندس آهي ۽ الغو هي
سڀ ڏيکاءُ ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري بلڪل سانتيڪي نموني ۾
چيائين ”پئنچو! ٽي سال ٿيندا ته ماسيءَ پنهن جي جائداد مون
کي سوغات ڏني ۽ ان جي موٽ ۾ کيس زندگي ڀر اٿو لٿو ڏيڻو ڪيم
خداءِ شاهد آهي ته اڄ سوڌو ماسيءَ کي ڪا به تڪليف ڪانه ڏني
اٿم. مان کيس پنهن جي ماءُ سمجهان ٿو ۽ سندس خدمت ڪرڻ
منهنجو فرض آهي، مگر زالن ۾ البت اٽيٽت رهي ٿي جنهن ۾
منهن جو ڪهڙو قصور؟ ماسي مون کان الڳ ماهيانو خرچ گهري ٿي
جيڪا جائداد آهي سا پئنچن کان ڳجهي ڪانهي. ان مان ايترو
اپراسو ڪونهي جو مان الڳ خرچ ڏيئي سگهان، تنهن کان سواءِ سوغات
پتر (Gift Deed) ۾ الڳ خرچ جو ذڪر به ڪونهي نه ته مان هوند هن
جهميلي ۾ ئي نه پوان ها. بس مون کي ايترو ئي چوڻو آهي. وڌيڪ
پئنچن جي اختيار آهي جيڪي واجب سمجهن سو فيصلو ڪن.

الغو چوڌريءَ جو اڪثر ڪورٽن ۾ ڪم پوندو هو ان ڪري هو
پورو قانوني ماڻهو هو. هن جمڻ کان آڏي پڇا ڪرڻ شروع ڪئي
هڪ هڪ سوال جمڻ جي من تي پٿر تي ٿي لڳو ۽ رام ڏن مشر سوال
تي خوش ٿي ڪڇيون پي هڻيون. جمڻ منجهي پيو ته الغوءَ کي چ
ٿي ويو آهي. هينئر ئي ته منهن جي پير ۾ ويهي کهڙيون ڳالهيون
پي ڪيائين ۽ ايتري ۾ ئي ڪايا پلٽجي ويئي ۽ هو منهن جي پاڙ

ساهہ نہ کنيو تہ وري ٻچيءَ ۾ پاڃاري. الغو چوڌريءَ وٽ هو تہ وٽاڻ ۾ ٻيٺو هوندو هو ۽ بدن کي صاف ڪرڻ لاءِ نوڪر ڪوريندو هوس. پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ڪاڏي لاءِ ٻاٽ ڪڙ ۽ ڪڏهين ڪڏهين گيهہ جو ذائقو بہ ملندو هو ڇٽ ڇمائي ڪم پيو تہ جوٽيو ويندو هو ۽ ٽپندو هلندو هو. ڪٽي اهو سک ڪٽي هيءَ ان ئي پهر پاڃاري. هڪ مهني ۾ ئي سڪي ڪندا ٽي ويو.

اِڪو ڏسي سندس رت سڪي ويندو هو ۽ پير پير ۾ هلڻ کان وڌيڪ منجهس طاقت نہ رهي هئي.

هڪ ڏينهن چوٽين واري ۾ سمجهوءَ هوند کان ٻيٺو ٻار ڏويو. ساري ڏينهن جو ٽڪل ويچارو ڏاند پير ڪٽي نہ پي سگهيو. ساهوءَ بہ ٽي لڪڻ وهائي ڪديس ويچارو ٽورو هليو تہ ٽڪل هجڻ ڪري ٽورو ساهہ پٽڻ چاهيائين پر ساهوءَ جلدي ٻوٽ پهچڻ پي چاهيو ان ٽڪڙ جي نشي ۾ ٻيا بہ لڪڻ وهائي ڪديائين ڏاند ٽي. ڏاند زور لڳايو پر جيڪو ڏيئي وٺي ٻيٺو هو سو ڪٽي ٽو هلي سگهي ۽ ويچارو اٽي ئي ڪري پيو ۽ ڪريو تہ وري نہ اٿيو. ساهوءَ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪڏهين مٺل بہ اٿيو آهي. ڳاڏي ڪولي الڳہ ڪيائين ۽ چنتا ۾ پئجي ويو تہ گهر ڪيئن پهچي ۽ دانهون ڪيائين سڏ ڪيائين پر آس پاس ۾ ڪو ٻوٽ هجيس تہ ٻڌي. غصي ۾ پرچي ڏاند کي پٽڻ لڳو تہ نياڳا مرٺو هوئي تہ گهر تہ هلي مرين هان؟ حرامي رستي تي ئي مرين ٿو. ان وقت ڪافي جهڳيون پڳيون ڪاڏائين. منديءَ ۾ گيهہ ۽ ڳڙ وڪٽي آيو هو ان ڪري ڳنڍ ۾ بہ اڍائي سوُ ٻڌل هئس ڳاڏيءَ ۾ تيل ۽ لوڻ جون ڳوٽيون بہ هيس ان ڪري انهن کي ڇڏي ڪيڏانهن وڃي. ان ڪري لاچار اتي ئي رهڻ جو ويچار ڪيائين. رات جاڳڻ لاءِ ڪڏهين ڳاتائين پي تہ ڪڏهين حقو پي پيتائين. ان ريت اڌ رات تائين تہ جاڳيو پر پوءِ اک لڳي ويس ۽ جان جاڳي تہ ڏسي تہ روپين جي ڳنڍ صاف ۽ هڪ اڌ تيل جو پيپو بہ نہ هو. پنيرڪي جو گهر روانو ٿيو. سندس گهر واريءَ جڏهين اها خبر ٻڌي تہ پهرين تہ

مثل هو. هنن ۾ صرف هينئر باهرئين ڏيکاءُ جي رام رام رهجي
ويئي هئي.

جمڻ جي من ۾ انئي پهر دوست جي دغا کٽڪي رهي هئي
سدائين اها هورا کورا لڳل هيس تہ بدلو ڪيئن وٺي ۽ هميشه اهڙي
موقعي جي تاڙ ۾ پي رهيو.

(٦)

چڱن ڪمن جي پراپتي ۾ جيتري دير لڳي ٿي اوترو ئي برن
ڪمن جي پراپتيءَ ۾ جلدي ٿئي ٿي. جمڻ کي بہ بدلي وٺڻ جو
موقعو جلدي ملي ويو. گذريل سال الغوءَ سٺي ڏاندن جي جوڙي خريد
ڪئي هئي. ڏاند سٺي نسل جا وڏن سڱن وارا هئا. قدرت سان جمڻ
جي پٽنچات کان هڪ مهنو پوءِ انهن ڏاندن مان هڪ ڏاند مري ويو
جمڻ دوستن ۾ چوڻ لڳو ” اها ئي دغابازيءَ جي سزا آهي. انسان
بلاشڪ ڪجهہ بہ ڪري پر ايشور سڀ ڏسي ٿو.“

الغوءَ کي جمڻ ۾ شڪ جاڳيو تہ جمڻ ڏاندن کي زهر ڏنو آهي
چوڌرياڻي بہ جمڻ تي شڪ ڪرڻ لڳي ۽ ان معاملي ۾ چوڌرياڻي
ڪريما ۾ بہ ڪافي تون تون ٿي پئي.

هاڻ اڪيلو ڏاند ڪهڙي ڪم جو. ڪوشش ڪئي ويئي تہ ان
جهڙو ڪو ٻيو ڏاند ملي پر وريو ڪجهہ بہ نہ. ان ڪري الغوءَ اهو ڏاند
وڪڻڻ چاهيو. ڳوٺ ۾ هڪ سمجهو ساهو هو جو اِڪو هلائيندو هو
ڳوٺ مان ڳڙ ڳيهہ ڪٺي منديءَ ۾ ويندو هو ۽ اتان تيل لوڻ ڪٺي ايندو
هو. ان جو من ان ڏاند کي وٺڻ لاءِ ٿيو تہ ڏاند ملي وڃي تہ هو وڏيڪ
ڳهرا ڪري سگهندو. هن ڏاند ڏنو، گاڏيءَ ۾ هلائي ڏنو ۽ آخر سودو
طئہ ٿيو. رقم مهني کان پوءِ ڏيڻ طئہ ٿي. چوڌريءَ کي بہ غرض هئي
ان ڪري هن گهاٽي جو بہ خيال نہ ڪيو. سمجهو ساهوءَ کي بہ نئون
ڏاند مليو تہ بود ۾ پرجي ويو ۽ لڳو تي ٿي چار چار چڪر هڻڻ. نہ
ڏاند جي چاري جو فڪر نہ پاڻيءَ جي پرواهہ، ڏاند جو ڪم صرف
گهمڻ سان ئي ٿي پيو. اڌورو چارو مليو، ٿورو بہ ٽڪ نہ پيو ۽ ٿورو بہ

چوڌري! ڇئو ڪنهن کي ٿا پنهنجو پئنچ مقرر ڪيو.“

الغوءَ نماڻي نوع ۾ چيو ته ”سمجهو ساهوئي جنهن کي چاهي پئنچ مقرر ڪري.“

سمجهو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪڙڪ آواز ۾ چيائين ته ”منهنجي طرفان جمڻ شيخ“.

جمڻ جو نالو ٻڌنديئي الغو چوڌريءَ جو ڪليجو ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳو ڇڻ ته ڪنهن ڪيس اوچتو ٿڦڙ واهي ڪڍي هجي. رام ڏن الغوءَ جو متر هو ۽ ڳالهه کي سمجهي ويو ۽ پڇيائنس ”ڇئه چوڌري توکي ڪوئي اعتراض ته ڪونهي؟“ چوڌريءَ نراسائيءَ مان جواب ڏنو ”نه! مون کي ڪهڙو اعتراض ٿيندو.“

... ...

پنهنجي ذميواري نڀائڻ جو احساس اڪثر ڪري اسان جي تنگ دل وهنوار کي سڌارڻ جو وسيلو آهي. جڏهين اسين رستو ڀلجي ڀٽڪندا آهيون تڏهين اهوئي احساس اسان جو وشواسي رهنما بڻبو آهي.

نوجوان جوانيءَ جي نشي ۾ ڪيترو نه چنچل ٿئي ٿو. ماءُ پيءُ ان ڳالهه ڳڻتي ڪن ٿا ۽ ائين محسوس ڪن ٿا ته هيءُ ڪل ڪلنڪ نه ٿئي. پر ٿوري وقت کان پوءِ سندس مٿان ڪٽنب جو بوجو پونديئي، اهو چنچل جوان، ڪيترو نه ڌيرج وان ڪيترو نه شانت چت ٿي پوي ٿو. اهو سڀ ذميواري نڀائڻ جي احساس جوئي نتيجو ۽ ڦل آهي.

جمڻ شيخ جي من ۾ به سرپئنچ جي استان تي ويهڻ سان ئي پنهنجي جوابداري نڀائڻ جو ڀاءُ پيدا ٿيو. هن سوچيو ته مان هاڻ انصاف ۽ ڌرم جي مهان اوچي آسڻ تي ويٺو آهيان. منهنجي منهن مان هاڻ جيڪي نڪرندو سو ديو واڻي مثل آهي وڪارن جو ميل ٿيڻ نه گهرجي. مون کي سچ کان تر پر به پري ٿيڻ نه گهرجي.

پئنچن بنهي طرفن کان سوال جواب ڪيا. گهڻيءَ دير تائين ٻئي طرف پنهنجي پنهنجي طرف جو سمرٿن ڪندا رهيا. پئنچن

رني پر پوءِ لڳي ويچاري الغو چوڌريءَ کي ڳاريون ڏيڻ ۽ پٽڻ ته
نياڳي اهڙو ته ڏاڍ ڏنو جو عمر پر جي ڪئي ڪمائي ناس ٿي وئي
ان ڳهٽنا کي ڪي مهنا گذري ويا. الغو جڏهين پنهن جي رقم
جي گهر ڪندو هو ته ساهوءَ کي ۽ سندس ڪنوار کي چڙ ته پاڳل
ڪٽي ڪاٽيو ۽ ڪي جو ڪي بڪڻ لڳندا هئا ”واهه هتي ته عمر
پر جي ڪمائي ختم ٿي وئي ستيا ناس ٿي وئي ۽ هن کي لڳي
آهي پنهنجي رقم جي. اسان جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي انڌو ڪري
مرندو ڏاند ڏنو هو ۽ هاڻ هليو آهي ان جي رقم گهرڻ.اسان به ٻٽيا
آهيون، اهڙا ببو قوف ڪي ٻيا هوندا. منهن ڌوئي رقم وٺڻ اچج
آرام نٿو اچيئي ته اسان جو ڏاند ڪاهي وڃ مهني جي بدران به مهن
واهي واپس ڪجه وڌيڪ چا کپيئي؟“
چوڌريءَ جي مخالفتين جي به ڪمي ڪانه هئي اهڙن موقعن
تي اهي به ڪنا ٿي ويندا هئا ۽ لڳندا هئا ساهوءَ کي اُپارڻ. ويچار
الغو ڦٽڪارون ٻڌي منهن پيلو ڪري واپس ايندو هو پر ڏيڍ سو روپيا
جو موهه ڪٽڻ به آسان نه هو. هڪ دفعي هو به گرم ٿي ويو. ساهو جي
اندر گهر مان لٺ ڪڍڻ ويو ته سندس ڪنوار ميدان اچي سنڀاليو
گارين تائين نوبت پهچي وئي. ساهوءَ گهر جو دروازو بند ڪري
ڇڏيو. شور گوڙ تي شهر جا ڀلا آدمي به اچي ڪنا ٿيا. انهن ٻنهي کي
سمجهايو. ساهوءَ کان دروازو کولايو ويو. ٻنهي کي صلاح ڏنائون ته هن
طرح جي روز روز جي کٽ پٽ کان ته پنچايت ڪري ڪونايو
جيڪو فيصلو ٿئي سو ٻئي منظور ڪيو. ساهو ان تي راضي ٿي ويو
الغو چوڌريءَ به هام ڀري.

(٧)

پنچايت جون تياريون ٿيڻ لڳيون. ٻنهي طرفن پنهنجا د
ناهڻ شروع ڪيا. ٽيئن ڏينهن وري ان ساڳئي وڻ جي هيٺيان
پنچايت ڪني ٿي. اهو ٿي سنڌيا جو وقت هو. پنچايت ڪني ٿي
وئي ته رام ڏن مشر چيو ” هاڻي دير ڇاجي پنچن کي مقرر ڪيو

ٿوري دير کان پوءِ جمن الغوءِ وٽ آيو ۽ کيس ڳلي لڳائي چيائين
”پائي جڏهين کان وني تو منهنجي پئنچات ڪئي هئي تڏهن
کان مان تنهنجو پراڻو ڳهاتڪ دشمن ٿي پيو هوس. پر اڄ مون کي
معلوم ٿيو تہ انسان پئنچ جي عهدي تي وهندي هوند ڪنهن جو
دوست آهي نہ ڪنهن جو دشمن انصاف کان سواءِ ٻيو کيس ڪجهہ
بہ نظر نٿو اچي. اڄ مون کي وشواس ٿي ويو آهي تہ پئنچ جي زبان
مان خود خدا ئي ڳالهائي ٿو.“
الغو زار زار روئڻ لڳو ۽ انجي آنسن جي آب سان ٻنهي جي
دلين جو مئل ڏوپجي ويو ۽ دوستيءَ جي مرجهايل ول وري سر سبز ٿي
ويئي.

۾ مت پيد هو. پر ان ڳالھ ۾ تہ سڀ يڪراءِ هئا تہ سمجهوءَ کي
ڏاند جي رقم ڏيڻ گھرجي پر ٻن ڄڻن جو ويچار هو تہ ڇا ڪاڻ تہ
ڏاند مري ويو آهي ۽ سمجهوءَ کي نقصان پهتو آهي ان ڪري ساڻس
ڪجھہ رعايت ڪئي وڃي. پر ڪي وري ان جي ابتڙ ان راءِ جا بہ هئا
تہ سمجهوءَ کي ڏاند سان بيرحميءَ جو وهنوار ڪرڻ ڪري سزا ڏيڻ
گھرجي تہ جيئن اڳتي ٻيو ڪير بہ گڏام جانورن سان ان نموني ۾
بيرحميءَ جي هلت نہ هلي. آخر ۾ جمڻ پنهنجو فيصلو ٻڌايو.

”الغو چوڌري ۽ سمجهو ساهو! پئنچن اوهان جي معاملي تي
چڱيءَ طرح غور ڪيو. اهو واجب آهي تہ سمجهو ڏاند جي پوري رقم
پري ڏيئي. جنهن وقت هن ڏاند ورتو هو ان وقت ڏاند کي ڪا بہ
بيماري ڪون هئي پر جي هو ان وقت سڀ رقم ڏيئي ڇڏي هان تہ
اڄ هو ان جي واپسيءَ جي گھر ڪونہ ڪري سگھي هان. ڏاند جي
موت صرف ان ڪري ٿيو آهي جو هن کان بيرحميءَ کان ڪم ورتو
ويو ۽ سندس داڻي پاڻيءَ جو پورو ڌيان نہ رکيو ويو.“

رام ڌن مشر چيو ”سمجهوءَ ڄاڻي واڻي ڏاند کي ماريو آهي
ان ڪري کيس سزا ڏني وڃي.“

جمڻ چيو ”اهو ٻيو سوال آهي جنهن جو هن سان ڪو واسطو ۽
تعلق ڪو نہ آهي.“

ڪنهن ٻئي چيو تہ ”سمجهوءَ سان ڪجھہ رعايت ٿيڻ
گھرجي.“

جمڻ چيو تہ ”اهو الغو چوڌريءَ جي مرضيءَ تي آهي جي هو
رعايت ڪري تہ اِها سندس ڀلمانسي آهي.“ الغو چوڌري خوشيءَ ۾
ڪپڙن ۾ نہ پي ماپيو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ زور سان چوڻ لڳو ” پئنچ
پرميشور ڪي جئہ“ سيڪو جمڻ جي فيصلي کي ساراهڻ لڳو. اُن کي
چئبو آهي انصاف. انصاف ڪرڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي.
پئنچن ۾ پرميشور وسي ٿو ۽ اها ان پرميشور جي مهما آهي. پئنچن
جي سامهون ڪوڙو ڪيئن ڪرو ٿي سگھندو.

لالا امرناٿ تعليم پريمي، پورو اپ ٽو ڊيٽ شخص هو. ان ۾ ڪويءَ جو پاڻ ۾ ڪافي ميل ميلاپ هو. ڪوي غريب هو ۽ هو وواه به ڪري چڪو هو. هن کي هڪ پٽ ۽ ٻه ڌيئر هيون. اڪثر چنتا ۾ رهندو هو. جيئن جون گهٽيئي ضرورتون هجڻ جي باوجود ڪيس ڪم ڪرڻ نيڪ نه لڳندو هو. هو ان ۾ پنهن جي عزت جي گهٽتائي محسوس ڪندو هو. اڪثر ائين چوندو رهندو هو ته ماڻهو کهڙو نه بيوقوف آهن جو ٿرماميٽر کان خسيس ڪم وٺڻ ٿا چاهن. لالا امرناٿ هن جي ڪويتا تي موهت هو. ڪڏهين به هن جي ڪويتا جو هڪ به پد ٻڌندو هو ته مستيءَ ۾ اچي جهولڻ لڳندو هو. سکيو ستابو ڏنوان آدمي هو، روپين پئسن جي سندس وٽ ڪا پرواهه نه هئي. هو اُدارتا سان ڪويءَ جي مدد ڪندو رهندو هو ۽ ان ۾ ڪيس دلي آنند محسوس ٿيندو هو.

ڪويءَ هن کي ڏنو ته اکين ۾ رونق اچي ويئي. شرڌا وچان چيائين، ”هڪ گيت لکي رهيو هوس“

”ڇا سِرو آهي گيت جو؟“

”چندرلوڪ“

”واهه واهه، گيت جو نالو ته ڏاڍو سٺو آهي. ڏسان ڇا لکيو اٿيئي؟“

ڪويءَ گيت لالا امرناٿ جي هٿن ۾ ڏنو ۽ رکجي رکجي چيائين ته پوري رات جاڳندو رهيو آهيان.“

”هون“

لالا امرناٿ ڪويتا پڙهي ته هن جي عجب جي حد نه رهي. هن ڪويتائن جا سوين ڪتاب ڏٺا هئا، ڪيترن شاعرن سان سندس واقفيت هئي، پر جنهن ڪلپنا ۽ سندرتا جو اثردار ڍنگ هن ڪويتا ۾ هو، اهڙي ڳالهه هن کان پهريائين هن کي ڪنهن ڪويتا ۾ ڏسڻ ۾ نه آئي هئي. هو پنهن جو پاڻ ۾ ڪوئجي ويو. ڪاغذ ان جي هٿن ۾ ڦڙڪڻ لڳا. هن ڪويءَ کي عزت ڀريءَ نگاهن سان ڏٺو، ڄڻ ته هو

شاعر (ڪويءَ) جو تياڳ

ليکڪ : سدرشن

رات اڌ کان وڌيڪ گذري چڪي هئي. آڪاش ۾ تارن جو
جهڳمڳاهٽ هئي. ڪوي ان کي ڏسندو ۽ سوچي سوچي ڪجهه لکند
تي ويو، هو ڪڏهين ليٽيو تي تہ ڪڏهين ويٺو تي تہ ڪڏهين ٽهل
تي ۽ ڪڏهين جوش ۾ اچي منيون پکوڙي رهجي تي ويو. هو ڪوي
لکي رهيو هو.

ان ريت رات گذري ويئي پر ڪويءَ جو گيت اڃا سوڌو اڌو
هي هو. سڄ اُڀرڻ جي لالائي ڏسي هن جي منهن تي نراشائ
ڇائنجي ويئي، ڄڻ تہ هن جي جيون جا آخرين پل هئا. ان وق
هن جو منهن هڪ ڪومايل گل وانگر هو ۽ اکيون ڄڻ تہ اُجڙيل سي
ڪڏهين تہ هن پنهن جو گيت تي ڏنو تہ ڪڏهين آڪاش کي پئ
ڏنو. هن جي من پريات جي روشنيءَ ۾ رات جي انڌڪار (اونداهي
کي پئي ڳولهيو، جنهن ۾ تارن جي مسڪراهٽ هئي ۽ جهڪ
چندرمان جي روشني پنهن جي ڪمزور ڪرڻن جا ڏکها هڻ
ڦهلائي نند ۾ سنل سرشتيءَ جي بي هوش مستڪن ۾ سندر سپن
جو جادو پئي ڦهلايو. هو انهيءَ جادوءَ جو گيت لکي رهيو هو.
هاڻي پريات ٿي چڪي هئي. اچانڪ ڪويءَ جي مغز ۾ هڪ ويچا
پيدا ٿيو هن ڪاغذ، پينسل کنيو ۽ نديءَ ڏانهن روانو ٿي ويو
جتي ايڪانت هئي. هن پنهن جي اندر جي اوندهہ کي باهر ڪڍ
۽ پنهن جي ڪلپنا جي انڌڪار ۾ گيت کي پورو ڪيو. ان وقت ه
کي ايتري خوشي ٿي ڄڻ تہ هن کي ڪو راڄ ملي ويو هو. پنهن ج
گيت کي هو وري وري پڙهي رهيو هو ۽ جهومي رهيو هو. ڳاتو پي
پرسن پيو ٿئي. ائين معلوم ٿي رهيو هو ڄڻ تہ ڪنهن بالڪ ک
سندر رنگين رانديڪا مليا هجن.

ساراهہ پريا شبد همٿ وڌائڻ لاءِ اڻ مٽ دوا جو ڪم ڪندا
ن. ڪويءَ ايمان سان سر اونچو ڪيو ۽ چيو، ”مون اهڙا گيت پيا
تيار ڪيا آهن.“
”ڪيترا“
”هن کان اڳ ۾ يارهن لکي چڪو آهيان ۽ هيءَ ٻارهون آهي.“
لالا امرناٿ تي جڻ جادوءَ جو اثر ٿي ويو. ان کي ايتري تہ
وشي ٿي جيئن غريب کي پوريل خزانو ملي وڃي. ٻاراٽي اڌيرتا
گر پڇيائين، ”اهي ڪٿي آهن؟“
ڪويءَ جواب ڏنو، ”گهر آهن.“
”هل، مان هاڻي ڏسڻ چاهيان ٿو.“
ڪويءَ جو بدن پوري رات جاڳڻ ڪري چور چور ٿي رهيو هو.
ڪويتائن کي ڏيکارڻ جي شونق ٿڪل پيرن کي ڪنپ لڳائي چڙهيا.
ي اڏامندا گهر پهتا. لالا امرناٿ گيت ڏٺا تہ سناٽي ۾ اچي ويو جڻ
ڪو گند جي ڍير ۾ ڪيس هيرا ملي ويا هجن. هو ڪوي تي عاشق
و تہ ان جي ڪويتائن تي مست، پر هن کي اها اميد نہ هئس تہ
ڪوي ڪو ايترو اونچائيءَ تي پهچي ويو هوندو. هو ”درپڻ“ نالي
ڪ اُتم ماهوار رنگين مخزن ڪڍڻ جي ويچار ۾ هو. ڪويءَ جون
ڪويتائون ڏسي هن جو اهو ويچار پڪو ٿي ويو. هو جوش ۾ چئي وينو
”درپڻ“ توکي ناموس جي پهرين قطار ۾ وهاريندو. ڪويءَ جي
ماغ ۾ آشائن ۽ اميدن جا ڪرٽا روشن ٿيا جهڙيءَ طرح اوندهيءَ ۾
جلي چمڪي ويندي آهي. هن خوشيءَ سان دل جي ڌڙڪن ۽ لڏندڙ
ٿن سان گيت امرناٿ جي هٿن ۾ سونپيا.

(٣)

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪوي ننڊ مان اٿيو تہ ڪمر ۾ سور
حسوس ڪري رهيو هو. پر بيپرواهي ڪوين جو مکيہ اوگڻ آهي.
ن ان طرف رتي ماتر بہ ڌيان نہ ڏنو ۽ انساني سپاءُ تي ويچار ڪندو

هڪ ديوتا هو ۽ آنند جي جوش ۾ ڪنبندي چيو، ”ڪوي!“

(٢)

ڪوي هن جي حالت کي سمجهي ويو. هن کي پنهنجي آتد
جي اونهاين ۾ سچو آنند ۽ ايمان محسوس ٿيڻ لڳو. هن دل جي
ڌڙڪڻ سان جواب ڏنو، ”جي.“

”هيءَ ڪويتا تنهنجي آهي؟“

ڪويءَ کي ائين محسوس ٿيو ته ڄڻ ڪنهن کيس گار ڏني
هجي. شرم ۾ سندس منهن لعل ٿي ويو. هن هڪ عجيب نموني
جي خندهه زنيءَ نظر سان لالا امرنات ڏي نهاريندي چيو، ”ها
منهن جي آهي.“

”مون اهڙي ڪويتا اڄ سوڌو نه ڏٺي آهي.“

ڪويءَ جو سر آڪاش ۾ هو. هن وقت کيس محسوس ٿيو ته
سنسار جون انيڪ زبانون هن جي ڪويتا جي ساراه ڪري رهيون
آهن، پر هن ڌيرج کي نه ڇڏيو. انسان جيڪو سوچي ٿو، ان کي
ظاهر ڪرڻ ۾ اوچوپن محسوس ڪري ٿو. ڪويءَ سر جهڪائي جواب
ڏنو، ”اهو اوهان جو وڏپڻ آهي.“

لالا امرنات جوش ۾ چيو، ”وڏپڻ آهي“ نه، مان تنهن جي
اجائي غير واجبي ساراهه نٿو ڪريان. تون سچ پچ ان لايق آهين.
تون پنهنجي گڻن کان غير واقف آهين، پر منهن جي دورانديشي
واري نگاهه اهو صاف صاف ڏسي رهي آهي ته ناموس تو ڏانهن تيز
رفتار سان ڊوڙندو اچي رهيو آهي ۽ اهو وقت پري نه آهي جڏهين
ڪاميابي تو لاءِ سونهري دروازا کولي ڏيندي. عجب نه ڪاءُ، ڪوي
تون سچ پچ ڪوي آهين. تنهن جي ڪلپنا آڪاش منڊل جي اونچاين
کي ڇهي ٿي ۽ تنهن جو گيان قدرت وانگر وشال آهي. نواڻ تنهن
جي ڪويتا جي سونهن آهي ۽ اثردار شڪتي ان جي خوبي آهي.
مان سچ ٿو چوان ته تنهن جي ڪويتا تي انسان واهه واهه ڪندا ۽
سنسار تنهن جو آدر ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو.“

لالا امر نات پڇيو، ”آپريشن ڪنهن ڪان ڪرائڻ نيڪ ٿيندو.“
”منهن جي ويچار ۾ سرڪاري اسپتال هي سڀ ڪان وڏيڪ
ي جاءِ آهي.“
لالا امرنات ڪويءَ کي ديادرشٽيءَ سان ڏسندي چيو، ”تہ
رائي ئي ڇڏيو.“
ڪوي اٿي کڙو ٿيو ڇڻ تہ هن جي همٿ کي ڪنهن پيرن
ن لتاڙي ڇڏيو هجي. هن وقت ان جي منهن تي بي ڊپائي جا
يڃاڻ هئا. باهرين طور چوڻ لڳو، ”خسيس ڳالهہ آهي. آپريشن
ا نئين ڳالهہ تہ آهي ڪانہ. هر روز ٿيندا رهن ٿا.“
ءِ ٻئي ڏينهن تي هو آپريشن روم ۾ ميز تي ليٽيل هو.

(۴)

اوچتو سرجن صاحب گهبرايل حالت ۾ ٻاهر آيو. امرنات جو
عليجو ڌڙڪڻ لڳو - اڳتي وڌي هن پڇيو، ”صاحب، آپريشن ٺي
و.“ سرجن جي سر تان پگهر جون ٻوندون ٽپڪي رهيون هيون،
تون هن جو ڇا ٿيندو آهين؟“
”مان هن جو دوست آهيان. هن جو ڪهڙو حال آهي؟“
”هارٽ فيل ٿي ويو.“
امرنات جي مٿان ڄڻ تہ وڄ ڪري پيئي. چلائي ڪري
ڇيائين، ”ڇا چيو توهان؟“
”هن جو هارٽ فيل ٿي ويو. هن جي دل جي ڌڙڪن رڪجي
ئي.“
”تہ ڇا هو مري ويو؟“
”بس. اسان کي اها اميد نہ هئي.“
ڪويءَ جي استري سشيلا امرنات کان ٿورو پري بيٺي هئي.
هو ٻڌي ويجهو آئي ۽ رئندي چيائين، ”پائي مون کي دوکي ۾ نہ
و، جيڪا ڳالهہ هجي سا صاف ٻڌايو.“

رهيو هو گرنٿن کي پڙهڻ جي بجاءِ ان جي شان مان کي وڏيڪ ما
ڏيندو هو. ان ريت ٻه چار ڏينهن گذري ويا. سور وڌندو ويو ايترو
قدر جو هن لاءِ سمهڻ ۽ وهڻ مشڪل ٿي پيو. ڪوي ۽ کي ڪجهه چنـ
ٿي پيئي. سهڪندو سهڪندو وئديه وٽ پهتو. خبر پئي ته ڦرڙ
آهي. وئديه ملم لڳائڻ لاءِ ڏني. پر ان مان ڪو به فائدو نه ٿيو. ايترو
قدر جو رات جو سمهڻ به مشڪل ٿي پيو. ان وقت ڪوي ۽ کي ويچا
آيو ته ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي. لالا امر ناٿ کي ساڻ وٺي
هو ڊاڪٽر ڪنور سين وٽ پهتو. ڊاڪٽر صاحب لالا امرناٿ جي دوست
مان هو. هن ڏاڍي خبرداريءَ سان ڦرڙي ڏٺي ۽ چنتا پرئي آواز
چيائين، ''توهان ڏاڍي لاپرواهي ڪئي آهي. ڪاربنڪل آهي.''

لالا امرناٿ گهبرائجي پڇيو، ''اها ڇا ٿيندي آهي؟''

''هڪ سخت قسم جي خراب ڦرڙي.''

''ان جو ڪو علاج ته آهي يا نه.''

ڊاڪٽر صاحب ٿوري دير چپ رهيو ۽ جواب ڏنو، ''صرف هڪ
اُپاءُ آهي. ملم سان هيءَ ٺيڪ نه ٿيندي.''

ڪويءَ بي صبرائي سان پڇيو، ''ڇا؟''

''آپريشن''

ڪويءَ جي اکين اڳيان موت گهمڻ لڳو. گهبرائجي پڇيائين
''آپريشن ڏکيو ته نه آهي.''

''مان اوهان کي دوکي ۾ رکڻ نٿو چاهيان. آپريشن ڏکيو آهي
جيڪڏهين اوهان پهرين اچو هان ته هيءَ ايترو ڀيانڪ روپ اختيا
نه ڪري هان.''

لالا امر ناٿ جو منهن هارجي ويو. گهبرائجي پڇيائين، ''ڇ
ان کان سواءِ ڪو ٻيو اُپاءُ ڪونه آهي؟''

''ڪوئي نه.''

''ته آپريشن ڪرائڻ هي گهرجي.''

''ضرور ۽ جلدي. ٿوري دير به نقصان پهچائي سگهي ٿي.''

جي هٿ ۾ ڏيئي ائين پڳو ڇڻ تہ ڪو بندوق ڪٽي ان جي پٺيان پيو هجي. هن پرڪار جو درشيہ هن جي ڪومل دل لاءِ سهارو ڪرڻ جهڙو نہ هو. گهر وڃي سڄي رات روئندو رهيو. هن کي ان ڳالهہ جي پروسو ٿي ويو هو تہ ڪويءَ جي زال هن موٽ لاءِ ڪيس جوابدار سمجهي رهي آهي. ان ڪري هن جي سامهون وڃڻ ۾ ڪيس ڊپ پئي ٿيو. همدرديءَ جي سڄي ڀاونا ڪوڙي وهم کي دور ڪري نہ سگهي.

ڪيترا ڏينهن گذري ويا. امرناٿ جي دل تان ڪويءَ جو بي وقتائتو ۽ دکدائي موٽ جو غم هٽندو ويو. گهايل منن لاءِ وقت سڀ کان سٺي گڻڪاري ملم آهي. صبوح جو وقت هو، پريس ڪرمچاري ''درپڻ'' جو آخرين پروف کڻي آيو هو. ان ۾ ڪويءَ جي ڪويتا هئي. امرناٿ جا گهاو تازا ٿي ويا. ڪوي اڪثر ڪري چوندو هو تہ ڪويءَ جي سنتان ان جي ڪويتا آهي. امرناٿ کي ڪويءَ جو اهو چوڻ ياد هو. ڪويءَ جي ڪويتا ڏسي ان کي اهو ئي دک ٿيو جو ڪنهن پياري دوست جي اناٿ ٻارن کي ڏسي ٿيندو هجي. هن ٿڌو ساهہ کڻي پروف ڏسڻ شروع ڪيو. ڪويتا مان نئون رس ٽپڪڻ لڳو. اوچتو هن جي من ۾ هڪ پاپ پريو ڀاوَ پيدا ٿيو. هن ڪجهہ وقت ويچار ڪيو ۽ ڏڪندڙ قلم سان ڪويءَ جو نالو ڪاٽي، ان جڳهہ تي پنهنجو نالو لکيو. انسان جو من هڪ اٿاهہ سمند آهي جتي ڪمل جي گلن سان گڏ خون جون اُڇايل لهرون بہ پيدا ٿينديون آهن.

(۵)

''درپڻ'' جو پهريون انڪ نڪتو تہ پڙهيل لکيل طبقي ۾ ڌوم مچي ويئي. ماڻهو ڏسي ڦونديا نہ پئي ماپيا. ''درپڻ'' ڀاوَ ۽ ڀاشا ٻنهي خيالن کان اتم هئي ۽ خاص ڪري ''چندرلوڪ'' جي گيت مالها جي پهرين ڪويتا تي شاعر سماج مست ٿي ويئي هئي. هڪ مشهور ماهوار اخبار تہ ان جي سمالوچنا ڪندي لکيو، ''ائين تہ درپڻ جو هر هڪ صفحو موتين جي ڀنڊار کان گهٽ ڪونهي پر ''چندرلوڪ'' جي پهرين ڪويتا ڏسي ڪوي من نچڻ لڳي ٿو. ان

امرنات کي ڪويءَ سان دلي پيار هو. هو هن کي ان ريد
پائيندو هو جيئن پاڻُ پاڻُ کي چاهيندو هجي. ايترو هي نہ، پر ڪيس
هن مان وڌيون اميدون هيون. اڪثر سوچيندو هو هيءُ پارٽ ورش
جو نالو چمڪائيندو. هن جي ڪويتا ٽئگور ۽ فرانس جي اناتولي ڪوي
جي برابر آهن. هو جڏهين هن جي ’چندرلوڪ‘ کي ڏسندو هو
متوالو ٿي ويندو هو. هن وقت سرجن جي اکرن هن جي ڪليجي
تي اگر وسائي ڇڏيا. هن کي وشواس نہ آيو تہ ڪوي ڪو سچ پچ
مري ويو آهي. هن من کي آٿت ڏيڻ لاءِ واريءَ جا ڪوٽ اڏيا. ڪوي
جي استريءَ جي سوال جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ ٻوڙندو ڪمري
گهسي ويو. ڪوي ميز تي ليٽيو پيو هو. اڏيل ڪوٽ ٽٽي پيا. امرنات
جي دل تي تلوار گهمي ويئي. سوچڻ لڳو کهڙو نہ سندر چمڪند
تارو هو پر اُسرڻ کان اڳ ئي اوجهل ٿي ويو. هن ۾ ڪيتريون
اميدون هيون سڀ مٽيءَ ۾ ملي ويون. ٻڌو آهي تہ پڙهيہ ۽ پويتر جي
هن پاپي سنسار ۾ وڌيڪ وقت نٿا رهن ۽ هاڻ اها چوڻي سچي ٿي
ويئي.

امرنات ٻاهر نڪتو تہ منهن تي اداسائي ڇانيل هئي. سشيل
سامهون آئي پر هوءَ نراشا جي مورت هئي. هن جون اکيون ان ريد
ڪليل هيون ڄڻ تہ آتما جون سڀ شڪتيون اکين ۾ ڪنيون ٿي ويو
هجن ۽ ڪنهن ڳالهہ جو امتحان وٺنديون هجن. هن امرنات کي
ڏٺو تہ بي صبر ٿي پڇيو، ’ٻڌاءِ ڇا ٿيو؟‘

امرنات جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ سشيلا کي جواب ملي
ويو. هن پنهن جا ٻئي هٿ سر تي هنيا ۽ ڌرتيءَ تي ڪري پيئي.

امرنات تهائين گهٻرائجي ويو. سشيلا کي هوش آيو تہ هن
آسمان ڌاري ڇڏيو. هن جا درد ڀريا ورلاپ امر نات جي ڪنن تي لو
برڪي رهيا هئا. هن کي همٿ نہ ٿي تہ هو وڌيڪ ڪجهہ سشيلا کي
ڏسي سگهي. هن جي رودن دل کي چيريندڙ هو جنهن کي ٻڌي هن
جي آتما ڪنبي اٿي. هن ڪيسي مان سو روپيہ جا نوٽ ڪڍيا ۽ سشيل

سلسلو پورو ٿيو تہ پرڪاشڪ ان تي ان وانگر لپڪيا جيئن پتنگ شمع تي ڪرندا آهن. انگريزي پبلشرن ترجمي لاءِ وڏيون رقمون آڇيون.امرنات جا پير هاڻي ڌرتيءَ تي نہ هئا. پر ڪڏهين ڪڏهين جڏهين ڪيس پنهن جا ڪرتوت ياد پي آيا تڏهين سندس ساهہ سڪي پي ويو. جهڙي ريت وواهہ جي رنگريلين ۾ موت جو ويچار هي سڄي آنند کي ڪرڪرو ڪري ڇڏيندو آهي. پر هن پنهن جي گذاري ويل دوست کي بلڪل وساري ڇڏيو هو، اهڙي ڳالهہ نہ هئي. هو ان جي استريءَ کي در ماهيانو پنجاه روپين جو مني آرڊر موڪليندو هو ۽ هو ان ڳالهہ کي پنهن جو فرض سمجهندو هو.

(٦)

رات جو وقت هو. ڪويءَ جي مڪان ۾ شوڪ ڇانيل هو. هو موت کان تہ بچي ويو هو پر پنج ميل پري پنهنجي ڳوٺ ۾ پهچي ويو هو ۽ سال ڀر کان مئل نموني ۾ کٽ تي پيو هو. هن بيماريءَ هن جي بدن جو سڄو رت چوسي ورتو هو، هاڻي هو صرف هڏين جو پڃرو وڃي بچيو هو. ڏينهن رات کٽ تي سمهي سمهي هن جي سياءَ ۾ چڙ گهر ڪري ويئي هئي. لالا امرنات جو هڪ دفعو بہ نہ اچڻ هن جي ڪروڌ اگنيءَ ۾ گيهہ جو ڪم ڪري رهيو هو. انئي پهر دکي رهندو هو ۽ امرنات کي گاريون ڏيندو رهندو هو. سشيلا کيس سمجهائيندي هئي تہ ”نتو اچي تہ ڇا ٿي پيو. ڪو تنهنجو دشمن تہ ڪونہ ٿيو آهي. پنجاهہ روپيہ در مهني موڪلي ٿو، نہ تہ دوا لاءِ بہ ڦرندو رهين هان. ڪهڙي خبر ڪهڙي ضروري ڪم ۾ لڳي ويو هجي.“

ڪوي ايترو ٻڌندي ئي تامڙجي ويندو ۽ چوندو، ”روپيہ واپس ڪري سگهجن ٿا پر همدرديءَ جا بہ اکر اهو قرض آهي جنهن کي چڪائڻ اسان جي طاقت کان ٻاهر آهي.“ جيڪڏهن هن جي وس ۾ هجي هان، تہ هو روپيہ واپس ڪري ڇڏي هان. نفرت ڀاوَ انسان لاءِ هڪ نيچ وهنوار آهي. هو گاريون سهي سگهي ٿو، مار کائي سگهي

جي هر هڪ سٽ ۾ ''اذير'' مهاشيہ جادو پري چڙيو آهي ۽ پري
جي ندي وهائي ڇڏي آهي. چيو ويندو آهي تہ ڪويتا دل جي
گهراين پاونائن جو چٽو چتر ظاهر ڪندي آهي، هن ڪويتا کي ڏس
ڪان پوءِ اها چوٽي جڻ تہ سڌ ٿي ويئي آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي ته
اذير مهاشيہ جون هي ڪويتائون فرانسسي ۽ انگريزي وانگر هندي
جڳت ۾ اونچي درجي جون مڃيون وينديون. اذير مهاشيہ ادب جي
آڪاش ۾ اچانڪ سج وانگر چمڪيو آهي ۽ هڪ ئي ڪويتا ۾ ڪوير
جي قطار ۾ شرومڻي ٿي ويو آهي.''

هڪ ٻيءَ اخبار لکيو، ''اذير مهاشيہ جي ڪويتا ڇا آهي، هڪ
جادو پربل سندرتا آهي. هندي جڳت کي پنهن جو سوپاڳيہ سمجهڻ
گهرجي تہ ان ۾ هن پرڪار جو سوکشم پاوَ ذڪر ڪرڻ وارا پيدا ٿي
ويا آهن ۽ جن تي ايندڙ پيڙهي وڏي ناز سان فخر محسوس ڪندي.
اسان کي پڪو وشواس آهي تہ جيڪڏهن هيءَ ڪويتا انهيءَ سندرتا
سان رهي تہ ان کي هنديءَ ۾ اهو آستان پراپت ٿيندو جيڪ
سنسڪرت ۾ 'شڪنتلا' کي، انگريزيءَ ۾ 'پيرا ڊائيز لاسٽ' ۽ بنگالي
۾ 'گيتانجليءَ' کي حاصل ٿيو آهي. اذير جو نالو هن ڪويتا سان
امر ٿي ويندو.''

ايترو ئي نہ، هن ڪويتا جو ترجمو بنگلا، مرهٽي، گجراتي
انگريزي ۽ فرانسي اخبارن ۾ ساراهہ جوڳي بوليءَ ۾ شايع ٿيو. امرناٿ
جيڪا اخبار ڏسي ان ۾ پنهن جو ذڪر ڏسي، سندس آتما گدگد ٿي
ويندي هئي، پر ڪڏهين ڪڏهين دل ۾ هڪ هلڪي آواز ٻڌڻ ۾
ايندي هئس ''تون ڌاڪو آهين.'' امرناٿ ان وويڪ جي آواز کي
ٻڌندي هي چونڪي اٿندو ۽ وري مضبوط ارادي سان ان کي اندر هي
اندر دٻائي ڇڏيندو هو.

ان ريت هڪ سال گذري ويو. لالا امرناٿ جو نالو پارت جون
حدون اورانگهي يورپ تائين پهچي ويو. انگريزي اخبارن ۾ هن جي
ڪلا تي ليکہ ڇپجڻ لڳا. ماهوار مخزنن ۾ ان جا فوٽا آيا. ڪويتا جو

ير'' جو نالو پڙهي ڪويءَ جي ڪليجي تي چڻ تہ ڪا گولي اچي
ي. هن کي امرنات مان اهڙي اميد نہ هئي. هن کي سپني ۾ بہ
ڙو ويچار نہ پي ٿي سگهيو تہ امرنات اهڙو پتت ٿي سگهي ٿو.
نهنجي محنت تي هن قسم جو ڏاڙو لڳل ڏسي ڪويءَ جو رت
ڪڻ لڳو ۽ سندس اکين مان آگ جون چڻگاريون نڪرڻ لڳيون. هو
روڌ ۾ وهاڻي جو سهارو وٺي ويهي رهيو ۽ پنهنجي دوست کي
جيائين، ''ڪاغذ، قلم ۽ مس کڻي اچ مان هڪ گيت لکندس.''
هن کان اڳ هن ڪيترا پيرا گيت لکڻ چاهيو هو پر ڪمزوريءَ
ن جي هن ويچار کي پورو ڪرڻ نہ ڏنو هو. رتن لال جواب ڏنو،
'رهڻ ڏي. تنهنجو دماغ ڪم نہ ڪري سگهندو.''
ڪويءَ پنهنجي هٿ جون منيون پڪيڙيون ۽ بڪايل شينهن
وانگر گرجندي چيو تہ'' تون قلم ۽ مس کڻي اچ. مان لکائي
سگهندس.'' رتن لال مشين وانگر آڻيا جو پالن ڪيو. ڪويءَ چيو،
''سرو لک 'لٽيل ناموس'
رتن لال لکي ڪري چيو، ''لکاءِ''
ڪويءَ لکائڻ شروع ڪيو. ڪويتا جو چشمو کلي پيو. جهڙيءَ
طرح برسات جي موسم ۾ ندي نالن ۾ بوڏ اچي ويندي آهي، ان
وانگر هن وقت ڪويتا جو سلسلو وهڪ وانگر وڌي رهيو هو. ويچار
پنهنجو پاڻ ۾ ايندا پي ويا. سوچڻ جي ضرورت نہ پي پئي. ڪويتا
سانچي ۾ ڍلجي ويئي، ائين سمجهجي تہ سرسوتيءَ اچي زبان تي
واسو ڪيو هو. ڪهڙا نہ سلجهيل ويچار هئا ۽ ڪهڙا نہ اثردار ڀاوَ هئا.
هر هڪ پد مان آگ جون چڻگاريون نڪري رهيون هيون. جهڙي
طرح نئين شادي ڪيل نوبلي نار جو سهاڳ اُجڙي وڃڻ ڪري هن
جي دل جي آهن جو چيخون، ديا پريل دلين ۾ هلچل مچائي
ڏينديون آهن، ان وانگر هن ڪويتا کي ڏسي ڪري دماغ چڪرائڻ
لڳندو هو ۽ من ۾ ان قسم جو ويچار اهو وشواس ٻڌجي وينو تہ ڪير
ظلم جو پيڙيل ظلم جي برخلاف پڪاري رهيو آهي.

ٿو، پر نفرت پريو وهنوار سهارو ڪري نہ سگهندو. ڪوي اهڙي سي
جو انسان هو.

رات جو وقت هو. ڪويءَ جي گهر ۾ مٽيءَ جو ڏيئو ٻري رهي
هو. ڄڻ تہ نااميديءَ جي حالت ۾ اميدن جا ڪرڻا چمڪي رهي
ڪوي ڪٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ ڪجهہ سوچي رهيو هو. پرميشور ڄاڻ
'چندرلوڪ' جو ڇا ٿيو. ان ڪي اها بہ ڄاڻ نہ هئي تہ ''درپڻ'' شاي
بہ ٿي آهي يا نہ. هن ڪويتا مان ڪهڙيون ڪهڙيون اميدون هيون
بيماريءَ سڀ ڪجهہ مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. ايتري ۾ دروازو کليو
ڪويءَ جو هڪ دوست رتن لال اندر گهڙيو. هن جي هٿ ۾ هڪ جل
چڙهيل ڪتاب هو. ڪويءَ پڇيو ''هي ڇا آهي؟''

''درپڻ جو فائيل آهي.''

ڪويءَ جو ڪليجو ڌڙڪڻ لڳو. هن عجب مان پڇيو، ''ڇ
'درپڻ' جو فائيل!''

''ها، ڏسندين''

''ضرور. ذرا ڏيئو ڪڍي وٺ''

ٻار بڪ ۾ ٻاڏائي رهيا هئا. سشيلا انهن لاءِ روٽي پچائي رهي
هئي. انهي جي ڇاڻي ناهيندي ناهيندي چيائين، ''هاڻي ڇا ڪتاب
پڙهندا؟ حڪيم منع ڪئي آهي، وري ڪٿي بخار نہ ٿي پوي.''

پر ڪويءَ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ 'درپڻ' جو فائيل ڏسڻ لڳو
پنهنجي پهرين ڪويتا ڏسي جهڙي طرح ڪا بہ مڪڙي ڪلي گل ٿي
پوي ان وانگر سندس چهرو چمڪي پيو. هڪ هڪ پد پي پڙهيائي
سر پي لوڏاياتين. سوچيائين پي تہ ڇا تہ سندس دماغ جي رچن
آهي. ڪيترو نہ ان ۾ نرالوپڻ آهي ۽ ڪيتري نہ اونچي اُڏام ۽ اونچ
ويچار. هڪ هڪ ويچار ۾ آڪاش جا تارا ٽوڙي رکيا آهن. ڪيس
پنهن جي ماضيءَ تي ريس ٿيڻ لڳي. ڇا هاڻ بہ دماغ ۾ اها ڪل
موجود آهي؟ اهڙو ڪيس سوچ ٿيو ۽ سندس من شوڪ ۾ ٻڏي ويو.

اوچتو سندس نظر ڪويتا جي سماپتيءَ تي پئي. ''امرنات

ي رات جو ننڊ نہ آهي. مان تنهن جي محنت جو لاپ ڪاڏو آهي
نهن جي رچنائن منهن جو نالو يورپ تائين پهچايو آهي. پر تون
ي ۽ ناموس هي نالو، هي جس مون کان هڪ ڏينهن ۾ ٿي واپس
ئي سگهين ٿو. مان ان ڪانو وانگر آهيان، جو مور جا کنڀ لڳائي
ندر هجڻ جي مشهوري حاصل پي ڪرڻ چاهي. تنهن جي ڪويتائن
جو پندار ختم ٿي چڪو آهي. هاڻ مان سڪل چشمو آهيان. سنسار
ون کان نوان ويچار، نين ڀاونائن جي تمنا رکندا، مان انهن کي
ڪٿان ڏيئي سگهندس. نہ نہ..مان پنهنجو پاپ سويڪار ڪندس ۽
نهن جي مشهوري توکي ارپڻ ڪندس. ٻڌاءِ، مون کي معاف
ڪندين نہ؟''

ڪويءَ جو من ڀرجي آيو. ان جي اکين ۾ ڳوڙها چلڪي رهيا
هئا. انهن ڳوڙهن ۾ دل جي نفرت وهي ويئي. هن سچي من سان
جواب ڏنو، ''ائين نہ ڪر. مان توکي معاف ڪيو.'' امرناٿ ٿورو اٿي
بيٺو ۽ چيو، ''پراشچت ڪرڻ بنا مون کي شانتي نہ ملندي.''

اهو چئي هن کيسي مان نوٽن جو هڪ بنڊل ڪڍيو ۽ ڪويءَ
کي ڏيندي چيائين، ''هيءَ تنهن جي دولت آهي.'' ڪويءَ ڳڻيا تہ
ٽن هزارن جا نوٽ هئا، پڇيائين تہ هيءُ ڪيئن آهن؟

انگريزي ايڊيشن جي رايلٽي آهي. هن کي دائمي ڪمائي
سمجهو. مان پبلشر کي اطلاع ڏيئي ڇڏيو آهي تہ آئينده رايلٽي سڌو
توهان ڏي موڪلي.

ڪويءَ جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا؛ هو امرناٿ سان ڳلي
ملي روئڻ لڳو.

(٧)

ڏينهن چڙهيو تہ ڪويءَ جي حالت گهڻو ڪجهہ بدلجي چڪي
هئي. اينتري ۾ امرناٿ جو هڪ نوڪر آيو. هن جي منهن تي مايوسي
ڇانيل هئي. اينديئي چيائين، ''لالاجي گذاري ويو.'' ڪويءَ جو من

اچانڪ دروازو کليو ۽ امرنات اندر گهڙيو. هن وقت هن جي
منهن جو رنگ لهندڙ سج جي لالائيءَ وانگر هو. ڪويءَ هن کي ڏنو
تہ چونڪجي ويو، جيئن شڪاريءَ طرفان گهايل پکي شڪاريءَ کي
ڏسي چونڪجي ويندو آهي. ڪويءَ ڏڪار پريل نوع ۾ منهن ڦيري
ڇڏيو. پر امرنات ان جي پرواه نہ ڪئي ۽ روئندي روئندي ڪويءَ
جي پيرن کي پڪڙي چپڪي پيو. جهڙيءَ طرح گنهگار ٻالڪ پيءَ
جي گود ۾ منهن لڪائي رئندو آهي. رتن لال ۽ سشيلا ٻئي اچرج ۾
پئجي ويا. ڪويءَ رکائيءَ سان چيو، ”هي ڇا ڪري رهيو آهين؟“

امرنات جواب ڏنو، ”مان تنهنجو اپراڌ ڪيو آهي. جيستائين
معاف نہ ڪندين، پيرن کي نہ ڇڏيندس. مون کي اڄ هي معلوم ٿيو
آهي تہ توِن زنده آهين، نہ تہ جيڪر هيءَ پاپ نہ ٿئي ها.“

ڪوي ڪجهہ دير سوچيو ۽ چيو، ”توکي شرم تہ نہ آيو هوندو.“

”اهو ڪجهہ نہ پڇو، هاڻي معافي ڏيو.“

”قدرت جا ڪن، معافي نالي کان غير واقف آهن، پراشچت
ڪيو.“

”اهو مان ڪندس“

”پر ڪيئن؟“

امرنات کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيو ۽ ڪويءَ جي هٿن ۾ ڏنو.
ڪويءَ ان کي پڙهيو ۽ دنگ رهجي ويو. ”ڇا تون هيءُ نوٽ
ڇپائيندين؟“

”ان کان سواءِ ٻيو اپاءُ هي ڪهڙو آهي؟“

”ايترو ڪمايل ناموس ڇڏي ڏيندين!“

”ها، ڇڏي ڏيندس.“

”تنهن جي نندا ٿيندي. لوڪ ڇا چوندو؟“

امرنات آگرهہ ڪندي چيو، ”چاهي لوڪ ڇا بہ چئي، مان
پنهن جي گناهہ کي قبول ڪندس. ان ۾ منهن جي انتهڪرڻ (وويڪ)
کي شانتي ملندي. ڪوي، سنسار مون سان ايرکا ڪري ٿو، پر مون

انہ آهي، پر انهن سيني جي سامهون هڪ لالچ هوندي آهي هڪ
امنا تہ اسين مري وڃون پر اسان جو نالو مشهور ٿئي جو امر رهي.
هن قسم جي نالي جا تياڳ ڪرڻ وارا ڪيترا هوندا؟
ڪوئي پنهنجي دوست لاءِ پنهنجو نالو قربان ڪري ڇڏيو.

پرجي آيو. زخميل پکيءَ وانگر تڙڦندي چيائين، ”تو ڇا چيو؟“

”لالاجي گذاري ويو. رات جو ڪجهه کائي ڇڏيائين.“ ڪويءَ جي من ۾ ڇا ڇا نه اُمنگ پريل هئا. سيني تي پاٽي ڦري ويو. امرناٿ جون کيل پلايون اکين اڳيان اچڻ لڳس. ڪهڙو نه ديوتا پرش هو. پاپ جو پراشچت ڪهڙي نه شان سان ڪري ويو. هٿ ۾ آيل ڌن ڪهڙيءَ نه آسانيءَ سان ارپڻ ڪري ويو. ايترو هي نه، پر منهن جي مشهوري مون کي واپس ڏيئي ويو. پنهن جي پاپ کي پنهن جي هي اکرن سان سويڪار ڪري ويو. ڪويءَ جو من روئڻ لڳو.

يڪدم ويچار آيس ته هاڻي ”چندر لوڪ“ جي ليکڪ هجڻ جو دائو ڪرڻ اوچوپن ٿيندو. هو مون تي ايتريون پلايون ڪندو هو، ڇا ان جي بدلي مان هن جي لاش جو اپمان ڪندس؟ ڪويءَ فراخدلي ڏيکارڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ ٽانگي ۾ چڙهي، سال پر جي بيماريءَ بعد، پهريون دفعو، شهر جي شمشان (مساڻ) ۾ پهتو، جتي شهر جا وڏا وڏا ودوان موجود هئا. ڪويءَ ”اڏير جي ڪويتا“ تي هڪ پرياوشالي شرڌانجلي ڏني ۽ هن جي پرشنسا ۾ ڊڪشنريءَ جا سڀ سندر ۽ رسيلا اکر ڪتب آندا.

ٻئي مهني جو ’درپڻ‘ ڪويءَ جي سمپادڪيءَ ۾ شايع ٿيو. ان ۾ سرگواسي ’اڏير‘ جي نالي ۾ هڪ دل کي ڇهندڙ ڪويتا ڇپي، جنهن جو سِرو هو ’لٽيل ناموس‘ ۽ ڪويءَ جي طرفان نندڍو نوٽ لکيل هو:

’اڏير‘ گذاري ويو پر ان جي ڪويتا امر آهي پاٺڪ اهو پڙهي خوش ٿيندا ته ’اڏير‘ پنهن جي پنيان ڪويتائن جو اڻ ڇپيل وڏو پندار ڇڏي ويو آهي ۽ اهي ڪويتائون ’درپڻ‘ ۾ سلسلي وار اينديون رهنديون.

ان کان پوءِ ڪويءَ جيڪي ڪويتائون لکيون، اهي سڀ ’اڏير‘ جي نالي ۾ شايع ٿيون. ڪهڙو نه اونچو بلبدان آهي ۽ ڪهڙو نه نسوارٿ تياڳ. سنسار ۾ روپيه پئسا تياڳ ڪرڻ واري جي ڪمي

صلا وڏڻ ڪري، ڪنوار جو گھر ۾ رھڻ مشڪل ٿي پيو. ڪيس
نديون ھيون سس جون منيون منيون چڙٻون ۽ پٽي ديو ڪي ملندو
رڪو سڪو پوڄن.

ھڪ ڏينھن راموءَ جي ڪنوار، راموءَ لاءِ کيرڻي ناھي. پستا،
اميون ۽ ٻيو سڪو ميوو خوب کيرڻيءَ ۾ مالامال ڪيو ويو. سونا ورق
ڪايا ويا. کيرڻيءَ سان ڀريل ڪٽورو ايترو تہ مٿي طاق تي رکيو ويو
ني ٻليءَ جو پھچڻ مشڪل ھو. ڪنوار ان کان پوءِ پان ناھڻ ۾ لڳي
ئي.

ھوڏانھن ٻلي ڪمري ۾ آئي. طاق جي ھينان ٻھي ھن
ٽوري کي ڏٺو، سنگھي محسوس ڪيو تہ مال ڏاڍو سنو آھي. طاق
ي اونچائيءَ جو اندازو لڳايو. راموءَ جي ڪنوار سس کي پان ڏيڻ
ويئي ۽ ھيڏانھن ٻليءَ ڇلانگہ لڳايو، سندس پنجو ڪٽوري کي لڳو
ڪٽورو جھن جھنات جو آواز ڪندو اچي فرش تي ڪريو.

آواز ڪنوار جي ڪنن تي پيو. سس جي سامھون پان ڦٽو ڪري
پس وري چا ٿي ڏسي تہ گلن جھڙو سھڻو ڪٽورو ٽڪرا ٽڪرا،
برڻي فرش تي ڪريل ۽ ٻلي مزي سان ڊنجي کيرڻي کائي رھي
ھي. ڪنوار کي ڏسندي ئي ڪٻري چمپٽ.

راموءَ جيڪنوار جي سر تي شيطان سوار ٿي ويو. نہ رھندو
نس نہ وڄندي بنسري. راموءَ جي ڪنوار ڪٻريءَ جي ھتيا لاءِ
مر ٻڌي ڇڏي. سڄي رات ڪيس ننڊ نہ آئي. پاسا ورائيندي سڄي
ت سوچيندي رھي. صبوح ٿيو تہ ھن ڏٺو تہ ڪٻري ڏيوڙيءَ تي
ھي ڪيس پريم سان ڏسي رھي آھي. ڪنوار ڪجھہ سوچيو.
سڪرائيندي ھوءَ اٿي. ڪنوار جي اٿندي ئي ڪٻري کسڪي ويئي.
موءَ جي ڪنوار ھڪ کير جو ڪٽورو ڪمري جي ڏيوڙيءَ تي رکي
لي ويئي. ھٿ ۾ پاٿيو کڻي واپس آئي تہ ڏٺائين تہ ڪٻري کير
لڳي ويئي آھي. موقعو ھٿ ۾ آيل ڏسي، پنھن جي پوري طاقت
ائي ھٿ وارو پاٿيو ھن ٻليءَ تي واھي ڪڍيو. ڪٻري نہ چُري نہ

پراشچت

ليکڪ : ڀڳوتي چرڻ ورما

جيڪڏهين ڪبري ٻلي سڄي گهر ۾ ڪنهن سان ٻه پريم
ڪندي هئي ته صرف راموءَ جي ڪنوار سان ۽ جيڪڏهين راموءَ جي
ڪنوار کي ڪنهن کان ٻه نفرت هوندي هئي ته ڪبري ٻليءَ کان
ٻه مهنا ٿيا هوندا ته راموءَ جي ڪنوار پيڪن مان پهريون دفعو ساهري
آئي هوندي. پتيءَ جي پياري ، سس جي دلاري، پياري پياري نئي
ڪنوار. گهر جي سامان سڙي جي ڪوٺيءَ جون ڪنجيون سندس چيلهه
۾ لٽڪڻ لڳيون. هاڻي راموءَ جي ڪنوار ئي گهر ۾ سڀ ڪجهه هئي
سس گهر جا ڪم ڪاريون ڇڏي، مالها ڦيرڻ ۽ پاٺ پوڄا ۾ من لڳائي
ڇڏيو.

راموءَ جي ڪنوار نئي نويلي معصوم هئي. سامان سڙي جي
ڪوٺي ڪڏهين کلي رهجي ويئي، ته ڪڏهين ان ڪوٺيءَ ۾ ئي
ويني ويني کيس ننڊ اچي ويئي. ڪبري ٻليءَ کي موقعو ملي ويو ت
هوءَ گيهه ۽ کير کي لڳي ويئي. ڪنوار جي جان آفت ۾ ته ٻليءَ جي
موج مستي. هنڊيءَ ۾ گيهه رکندي رکندي ڪنوار کي گهيرت اچي
ويو ته ٻچيل گيهه ڪبريءَ جي پيٽ ۾. ڪنوار کير رکي، رسوئڻ کي
جنس ڏيڻ ويئي ته کير ندارد. ڳالهه صرف ان حد تي هجي تڏهين
ٻه بري نه هئي پر ڪبري راموءَ جي ڪنوار سان ايترو ته ٺهي ويئي
هئي جو ڪنوار جو ته کائڻ پيئڻ جڻ زهر ٿي پيو.

راموءَ جي ڪنوار اهو طيه ڪري ڇڏيو ته يا ته هوءَ ان گهر ۾
رهندي يا وري ڪبري ٻلي. مورچا بندي ٿي ويئي ۽ ٻئي پهر
سڄاڳ. ٻلي ڦاسائڻ جو ڪٺگهرو گهرايو ويو ۽ ان ۾ کير، ملائي ۽ ڪُ
رکيا ويا، پر ٻليءَ ان طرف نهاريو ئي ڪونه، هيڏانهن ٻليءَ پنهن
جي سرگرمي ڏيکارڻ شروع ڪئي. هن وقت سوڌو ته هوءَ ڪنوار کا
ڊڄندي هئي پر هاڻي هوءَ ڪنوار جي پٺيان پئجي ويئي. ٻليءَ

پنڊت پرم سک مسڪرايو، ”راموءَ ماءُ چنتا جي ڪهڙي ڳالهه
ھي. شاشترن ۾ پراشچت جو وڌان ڏيڪاريل آهي، پراشچت سان
ب ڪجهه نيڪ ٿي ويندو.

سون جي هڪ ٻلي نهرائي ڪنوار کان دان ڪرايو وڃي.
ٻيستائين ٻلي نهرائي نه ڏني ويندي گهر اپوتر رهندو. ٻليءَ جي
ان کان پوءِ ايڪيهه ڏينهن پاٺ ڪيو ويندو.“

چنوءَ ڏاڏيءَ چيو، ”ها، ٻيو ڇا. پنڊتجي نيڪ ته چئي رهيو
ھي. ٻلي هاڻي دان ۾ ڏني وڃي ۽ پاٺ پوءِ ٿي ويندو.“

راموءَ ماءُ چيو، ”پنڊتجي، ڪيترن تولن جي ٻلي نهرائي
جي؟“

”اڙي راموءَ ماءُ، شاشترن ۾ لکيل آهي ته ٻليءَ جي وزن جي
ور جيتري سون جي ٻلي نهرائي وڃي، پر اڄ ڪالهه ڪلجڳ اچي
يو آهي. شرڌا رهي ڪونهي. ٻليءَ جي تور جيتري ته ٻلي ڇا
هندي. هان، گهٽ ۾ گهٽ ايڪيهن تولن جي ٻلي نهرائي دان
ڪرايو وڌيڪ پنهنجي پنهنجي شرڌا.“

راموءَ ماءُ اکيون ڦوٽاري ڏنو، ”اڙي باپ ري، ايڪيهه تولا
سون. پنڊتجي، تولي جي ٻليءَ سان ڪم نه ٿيندو.“

پنڊت پرم سک کان ڪل نڪري ويئي. ”راموءَ ماءُ هڪ تولي
سون جي ٻلي؟ اڙي ڪنوار کان وڌيڪ روپين ۾ موهه ٿي ويو. ڪنوار
جي سِر مٿان ٻاري پاپ آهي. ان ۾ ايترو لوڀ نيڪ نه آهي.“

سودي بازي شروع ٿي آخر معاملو ٻارهن تولن جي ٻليءَ تي
طيہ ٿيو. ان کان پوءِ پوڄا پاٺ جي ڳالهه شروع ٿي. پنڊت پرم سک
چيو، راموءَ ماءُ مان پاٺ ڪري ڏيندس. پوڄا جي سامگري توهان
نهن جي گهر ڏياري موڪلجو. گهٽ ۾ گهٽ سامان ۾ مان پوڄا
ڪري ڏيندس. ڏان لاءِ قريب ڏهه مڻ ڪڻڪ، هڪ مڻ چانور، هڪ
مڻ دال، مڻ کن تِر، پنج مڻ جَوَ، پنج سير کن گيهه، بس ايتري ۾
ڪم ٿي ويندو.“

پُري. نہ چيڪيو نہ چِلايو. بس هڪدم پئجي رهي.
آواز ٿيو تہ نوڪرياڻي، رسوئڻ ۽ سس گهڻنا هند تي پهچي
ويون. راموءَ جي ڪنوار سِر جهڪائي، اپراڌڻ وانگر سيني جون ڳالهيون
ٻڌي رهي هئي.
نوڪرياڻيءَ چيو، ”هي رام، ٻلي مري ويئي. ماتاجي، ٻلي
جي هتيا ڪنوار کان ٿي ويئي اهو ڏاڍو برو ٿيو.“
رسوئڻ چوڻ لڳي، ”ها، ٺيڪ تہ چئي ٿي. جيستائين ڪنوار
جي سِر تان هتيا جو پاپ نٿو لهي تيستائين نہ تہ ڪير پاڻي پي ٿو
سگهي ۽ نہ وري ڪوئي کاڌو کائي ٿو سگهي. ڪنوار، تو هي ڇا ڪري
ڇڏيو؟“
ٻليءَ جي هتيا جي خبر وچ وانگر سڄي پاڙي ۾ ڦهلجي ويئي.
زالن جو راموءَ جي گهر ۾ ميڙاڪو مچي ويو. ڪنوار سِر جهڪائي
ويٺي رهي.
پنڊت پرم سک کي جڏهين خبر ملي تہ هو ان وقت پوڄا
ڪري رهيو هو. خبر ملنديئي هو اٿي کڙو ٿيو. پنڊتائڻ کي
مسڪرائيندي چيائين تہ کاڌو نہ ٺاهج. لالا ڏني رام جي پوٽي جي
ڪنوار ٻلي ماري وڌي آهي، پراشچت ٿيندو، پڪوان مال پرا ملندا.
پنڊت پرم سک چوٻي ،قد جو ننڍو (بندرو) بدن جو ٿلهو شخص
هو. چهرو گول مٽول، وڏيون مڇيون، رنگ گورو، چوٽي چيلهہ تائين
پي پهتي.
پنڊت پرم سک پهتو. پئنچايت ويٺي. سس، رسوئڻ، ڪشن
ماءُ، چنوءَ ڏاڏي ۽ پنڊت پرم سک. باقي زالون ڪنوار سان همدردي
ڏيکاري رهيون هيون. ڪشن ماءُ چيو تہ ”صرف ٻليءَ جي هتيا جي
نالي ۾ تہ ڪو نہ ٻڌائي سگهبو تہ ڪهڙو نرڪ ملندو. ان مهورت جي
بہ تہ خبر پوي تہ ٻليءَ جي هتيا ڪهڙي وقت تي هئي تڏهين
نرڪ جي خبر پئجي سگهندي.“
”اهو لڳ ڀڳ ستين بجي صبوح جو.“ رسوئڻ چيو.

حرائي واپس ٿو اچان. تيستائين پوڄا لاءِ.....“
پنڊتڄيءَ جي ڳالهه ختم ئي ڪانه ٿي ته نوڪرياڻي ڊڪندي سهڪندي ڪمري ۾ گھڙي آئي ۽ سڀ ويٺل ماڻهو ڇبرائجي ويا. راموءَ ماءُ گھبرائجي پڇيو ته اڙي ڇا ٿيو؟
نوڪرياڻيءَ هبڪندي هبڪندي سُر ۾ چيو ته ”ماتاجي ٻلي ۾ اٽي پڄي ويئي.“

”اڙي باپ ري، ايترو سامان! پنڊتجي ان ۾ تہ ڪافي خر
ٿيندو.“ راموءَ ماءُ روئڻهارڪو ٿي چيو.
”ان کان گهٽ ۾ تہ ڪو نہ ٿي سگهندو. پهريائين ڪنوار ج
پاپ ڪي تہ ڏسو. هيءُ پراشچت آهي ڪا هسي مذاق ٿوروئي آهي.
جهڙي جهڙي مريادا، پراشچت ۾ ان انوسار تہ خرچ ڪرڻو ه
پوندو. روپيہ پئسا تہ اوهان جي هٿن جي مٽيءَ برابر آهن.“
پنڊت پرم سکہ جي ڳالهين سان پئنچ راضي هئا. چنوءَ ڏاڏي
چيو، ”دان پڇ سان هي تہ پاپ ڪٽبا آهن. دان پڇ ۾ ڪفايت ني
نہ آهي.“
رسوئڻ چيو، ”ءُ ماتاجي، اوهان وڏا آدمي آهيو. ايترو ڪھ
خرچ اوهان کي اکرندو.“
راموءَ جي ماءُ ڏنو تہ سڀ پئنچ پنڊت جي پاسي آهن. پنڊ
پرم سکہ مسڪرائي رهيو هو. راموءَ جي ماءُ چيو تہ ”هاڻي جيئ
نچائيندا تيئن نچڻو پوندو.“
پنڊت پرم سکہ ذرا بگڙجندي چيو، ”راموءَ ماءُ هيءَ تہ
خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن توکي اکرجي ٿو تہ نہ ڪيو. م
هلان ٿو.“
اڙي پنڊتجي راموءَ ماءُ کي ڪجهہ نٿو اکرجي - ويچاريءَ
ڪيترو نہ دکہ آهي. ڪاوڙجو نہ، رسوئڻ، چنوءَ ڏاڏيءَ ۽ ڪشن
ٽنهي گڏجي هڪ ئي سُر ۾ چيو.
راموءَ ماءُ پنڊت جا پير پڪڙيا ۽ پنڊتجي هاڻي نهي نڪ
آسڻ جمائي وينو. ”ايڪهہ ڏينهن پان جا ايڪيهہ روپيا، ايڪه
ڏينهن تائين بنهي وقت لاءِ پنجن پنجن برهمڻن جو کاڌو، چنڊ
ڪريو، مان اڪيلو هي بنهي وقتن جو پوڄن ڪري وٺندس ۽ پنج
برهمڻن جي کاڌي جو مُلّ ملي ويندو.“
چڱو تہ راموءَ ماءُ هاڻي پراشچت جو بندوبست ڪرايو. يار
توڻ سون ڪڍو تہ مان ان جي ٻلي ٺهرائي اچان. ٻن ڪلاڪن

نگہ ڳهرائي ڏيو پر هاڻ ڳهرائي ڏيو.“
پتنيءَ جي موت کان پوءِ وشويشر گهڻو مايوس رهندو هو ”چڱو رائي ڏيانءِ ٿو“ چئي ڪري هو اُداس من سان اُٿي ٻاهر هليو ويو.
شامو پتنگہ لاءِ ڏاڍو وياڪل ٿي پيو. هو پنهنجي اڇا ڪنهن ح ٻہ نہ روڪي سگهيو. هڪ هنڌ ڪليءَ ۾ وشويشر جو ڪوٽ ٽنگيو هو. هيڏي هوڏي نهاري هن سٽول سيري اوڏو آندو ۽ اُن تي ڙهي ڪوٽ جا کيسا ڦولڻ لڳو ۽ ان مان هڪ چڱہ آني ڳولهي هو ندي اتان کسڪي ويو.
سکيا داسيءَ جو پٽ پولو، شاموءَ جو هڪ جيڏو هو. شاموءَ هن چڱہ آني ڏيئي چيو تہ پنهنجي ماءُ کي چئي چپ چاپ ۾ هڪ نگہ ۽ ڏور گهرائي، پر ڏسج تہ ڪنهن کي ٻہ خبر نہ پوي.
پتنگہ اچي ويو. هڪ انڌيري ڪمري ۾ اُن کي ڏور ٻڌڻ جو م شروع ڪيو ويو. شاموءَ ڏيري چيو ”پولا، ڪنهن کي نہ ٻڌائي تہ ڪ ڳالهہ چوانءِ.“
پولي سر لوڏيندي چيو ” ڪنهن کي نہ ٻڌائيندس“ شاموءَ نهنجو پيد کوليندي چيو تہ ” مان هيءُ پتنگ متي رام وٽ ڪليندس. هن کي پڪڙي ڪاڪي هيٺ لهندي. مان لکي ڪونہ ڻان نہ تہ جيڪر هن تي سندس نالو لکي چڏيان.“
پولو شاموءَ کان وڌيڪ سمجهدار هو ۽ چيائينس تہ ” ڳالهہ تہ ڙي سٺي سوچي اٿيئي پر هڪ گهٽتائي آهي تہ هيءَ ڏور سنهي ي. هن کي پڪڙي ڪاڪي لهي نہ سگهندي. هن جي ٽنڻ جو ٻپ ي. پتنگ ۾ ٿلهي ڏور هجي تہ سڀ نيڪ ٿي پوي.“
شامو گنڀير ٿي ويو. ڳالهہ تہ لڪہ رپئي جي هئي پر ڏکيائي اها ي تہ ٿلهي ڏور ڪيئن هٿ ڪجي. هٿ ۾ پئسو آهي ڪونہ ۽ گهر آدمي جيڪي بنا ديا ميا جي ڪاڪيءَ کي جلائي آيا هئا سي هن ر لاءِ هن کي پئسو ڏيندا ڪونہ. اُن ڏينهن ان چنتا ۾ شاموءَ کي جو ننڊ ٻہ ڪونہ آئي.

ڪاڪي

ليکڪ: شيارام شرڻ گپ

اُن ڏينهن سوير جو جڏهن شاموءَ جي اک کلي تہ هن ڏنو
سڄي گهر ۾ رودن متو پيو آهي. هن جي ڪاڪي اما هڪ ڪمبل
پيرن کان مٿي سوڌو ڪپڙو پائي پٽ تي سمهي پئي آهي ۽ گهر
سڀ ماڻهو سندس چوڌاري ورلاپ ڪري رهيا آهن.

ماڻهو جڏهين اما کي کڻي شمشان ڏانهن هلڻ لڳا تہ شا
ڏاڍو اُڌمُ مچايو. ماڻهن جي هٿن مان ڇڏائي اما جي مٿان وڃ
ڪري پيو ۽ چوڻ لڳو تہ ڪاڪي تہ سمهي پئي آهي ۽ اُن کي
نموني ۾ کڻي ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ مان کڻي وڃڻ نہ ڏيندس.

ماڻهن ڏاڍو مشڪلات سان اُن کي هٽايو. ڪاڪيءَ جي اگ
سنسڪار ۾ بہ هو وڃي نہ سگهيو. هڪ داسي رام رام چئي هن کي
گهر ۾ ئي سنڀالي ويٺي.

جيتوڻيڪ ڪن وڏڙن هن کي دلاسو ڏنو تہ هن جي ڪاڪ
سندس مامي وٽ ويئي آهي پر تنهن هوندي بہ ڪوڙ جي ٻُرقي
سچ گهڻو وقت لڪي نہ سگهيو. آس پاس جي ٻارن جي منهن مان
ظاهر ٿي پيو. اها ڳالهہ هاڻ شاموءَ کان لڪيل نہ رهي تہ ڪاڪي
ڪيڏانهن ڪونہ، پر مٿي رام وٽ ويئي آهي. ڪاڪيءَ لاءِ ڪ
ڏينهن لڳاتار روئندي روئندي سندس روئڻ تہ هاڻ ڪافي گهٽ
چڪو هو، پر سندس شوڪ اڃا شانت نہ ٿيو هو. جهڙيءَ طرح برس
جو پاڻي ڌرتيءَ جي مٿاڇري تان ڏينهن ٻن ۾ سڪي وڃي ٿو پر
جو اثر ڌرتيءَ جي اندر ڪافي عرصي سوڌو رهي ٿو، ٺيڪ ساڳئ
طرح شاموءَ جو دک سندس گهرائيءَ ۾ پهچي چڪو هو ۽ هو ا
اڪيلو هي اڪيلو مايوس من سان آڪاش ڏانهن تڪيندو رهندو
هڪ ڏينهن هن مٿي پتنگ اڏندو ڏٺو. خبر نہ آهي ڇا سوچي سند
هردو اچانڪ کلي پيو. وشويشر وٽ وڃي چوڻ لڳو ” ڪاڪا مون

دشمن

ليکڪ : شري اگييہ

گيان کي هڪ رات سپني ۾ ڀڳوان درشن ڏنو ۽ چيائينس تہ
گيان! مان توکي پنهنجو عيوضي ڪري سنسار ۾ موڪليو آهي.
ت، سنسار جو پنر نرماڻ ڪر."

گيان جاڳي اُٿيو. هن ڏٺو تہ سنسار انڌڪار ۾ پيو آهي ۽ اِنسان
ات ان انڌڪار ۾ رستو پلجي ڳراوت ڏانهن تيزيءَ سان وڌندي
ئي وڃي. هو ايشور جو عيوضي آهي ۽ ڪيس انسان ذات کي رستي
ي آڻڻو پوندو، انڌڪار مان ٻاهر ڪڍڻو پوندو. سنسار جو رهنما بڻجي،
نسار جي دشمن سان يڌ ڪرڻي پوندي.

۽ هو وڃي چوواٽي تي بيهي رهيو ۽ سيني کي سڌي چوڻ لڳو تہ
ان مسيح آهيان، پيغمبر آهيان، ڀڳوان جو عيوضي آهيان. مون وٽ
وهان جي اُڌار لاءِ هڪ سنيهو آهي.

پر ڪنهن بہ هن جي ڳالهہ ڏانهن ڌيان نہ ڏنو. ڪي هن ڏانهن
ٻاري کلڻ لڳا، ڪي ڪيس پاڳل چوڻ لڳا. گهڻا چوڻ لڳا تہ هيءُ اسان
ي ڌرم جي برخلاف ڳالهائي رهيو آهي، ناستڪ آهي، ڪيس ماريو
بار هن کي پٿر هڻڻ لڳا.

آخر تنگ ٿي هو هڪ انڌيري گهٽيءَ ۾ وڃي لڪي ويٺو ۽
عجهہ سوچڻ لڳو. هن اِهو ارادو ڪيو تہ انسان ذات جو سڀ کان وڏو
شمن آهي ڌرم ۽ ان سان لڙڻو پوندو.

ان وقت هن پاسي مان هڪ استريءَ جو دک مان ڪنجهڻ جو
از ٻڌو. هن ڏٺو تہ هڪ استري پٽ تي سمهي پئي آهي ۽ سندس
سي ۾ هڪ ننڍو ٻار پيو آهي جو يا تہ بيهوش آهي يا تہ مئل آهي
اڪاڻ تہ سندس شرير ۾ ڪابہ چر پر ڪانہ آهي.

گيان پڇيو : ڀيڻ تون ڇو روئي رهين آهين؟

هن استريءَ چيو : مون هڪ وڌرميءَ سان وواهہ ڪيو هو. جڏهين

پهرين ڏينهن وانگر هن ٻئي ڏينهن به وشويشر جي ڪوٽ ما
هڪ رپيو ڪڍيو ۽ وڃي پولي کي ڏنو ۽ چيائينس ته ” ڏسج ڪنه
کي خبر نه پوي ۽ ٻه ٿلهيون ڏوريون گهرائي وٺي. جواهر پئيا ڪا
مان ڪاڪي لکائي رکندس نالو لکيل هوندو ته پتنگ نيڪ ڪاڪي
وٽ پهچي ويندو.“

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ پرسن من سان شامو ۽ پولو انڌيري ڪمر
۾ پتنگ کي ڏوريون ٻڌي رهيا هئا. اچانڪ شپ ڪاريه ۾ وگه
وانگر وشويشر ڪاوڙيل منهن سان اُتي اچي پهتو. پولي ۽ شاموءَ ک
ڌمڪائي پڇڻ لڳو ته هنن سندس ڪوٽ مان رپيو ڪڍيو آهي؟

پولو هڪ ئي ڌمڪيءَ ۾ مخبر بڻجي پيو ۽ چوڻ لڳو ته ” شام
پتنگ ۽ ڏور لاءِ ڪڍيو هو.“ وشويشر شاموءَ کي ٻه چماٽون وهائيند
چيو ته ” چوري سکي جيل ويندين؟ توکي اڄ چڱيءَ طرح تو ڏس
وٺان“ ائين چئي شاموءَ کي ٻه چار چماٽون ٻيون به هڻي ڪڍيائينس
۽ پتنگ کسي ڦاڙي ڇڏيائين. ڏورين ڏانهن نهاري پڇيائين ” ه
ڪنهن گهرايون آهن؟“

پولي چيو شاموءَ گهرايون آهن چيائين پي ته انهن سان پتن
ٻڌي ” ڪاڪي“ کي رام وٺان هيٺ آڻيندا سون. وشويشر هڪ پل
ئي هڪو ٻڪو ٿي ويو ۽ ٻت وانگر بيٺو رهيو. هن ڦاٽل پتنگ ک
ڏٺو ته ان تي هڪ ڪاغذ چنبڙيل هو جنهن تي لکيل هو ”ڪاڪي

...

گيان جڏهن جيل کان ٻاهر آيو تڏهن سندس سيني ۾ انهن
ڌارين جي برخلاف آگ جلي رهي هئي. هيءُ ڌاريائي ته اسان جي
ڪوٺاين ۽ ڪمزورين کي قائم رکي ويٺا آهن ۽ ان مان فائدو وٺي رهيا
آهن. ڀريائين پاڻ کي ڌارين جي راڄ کان مڪتي حاصل ڪرڻي
هوندي تڏهن ته.... ۽ هو ڳجهه ڳوهه ۽ لڪيل نموني ۾ ڌارين جي
برخلاف لڙائيءَ جي تياري ڪرڻ لڳو.

هڪ ڏينهن هن وٽ هڪ ڌاريو وديشي ماڻهو آيو. هن کي ميرا
ڳندا، ڦاٽل ٽٽل پراڻا خاڪي ڪپڙا پيل هئا. منهن جي پيشانيءَ تي
ٽهنج پيل هئس. اکين ۾ ڪافي درد جي تڪليف هئس. هن گيان
کي چيو ته مون کي ڪو ڪم ڏي ته جيئن مان پنهنجي لاءِ روٽي
ٽڪر ڪمائي سگهان. مان پرديسي آهيان توهان جي ديش ۾ بکيو
مري رهيو آهيان. ڪوئي به ڪم مون کي ڏي مان اهو ڪندس. نون
منهن جي ڪابه تلاش وٺ. مون وٽ روٽيءَ جو ٽڪر به ڪونه آهي.

گيان خفي ٿي چيو ته ”منهن جي حالت به توکان وڌيڪ سٺي
ڪانه آهي. مان به بکيو آهيان.“

هو پرديسي يڪدم پگهرجي ويو. چوڻ لڳو مون کي تنهن جي
اک ۾ دک محسوس ٿي رهيو آهي. مون کي پنهن جو پاءُ سمجهه
جيڪڏهن اسان جي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان همدردي هجي ته بکه کي
منهن ڏيڻ معمولي ڳالهه آهي. پرماتما تنهن جي رکيا ڪري. مان
منهن جي کهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟

...

گيان ڏٺو ته ديش سوديش، پنهن جي پرائي جو سوال تڏهن
ٿي ٿو جڏهن پيٽ ڀريل آهي. سڀ کان ڀريون دشمن ته اها بکه
هي. ڀريائين بکه کي جيتڻو پوندو تڏهن ڪجهه وڌيڪ سوچي سگهبو
تڏهن هن ”بکايلن - بکه سان لڙندڙن“ جو هڪ دل ناهڻ شروع
ڪيو جنهن جو مقصد هو اميرن مان ڌن لٽي سيني ۾ هڪ جيترو
ڀاڃهڻ، بکين کي روٽي ڏيڻ وغيره وغيره. پر جڏهن شاهوڪارن ۽

ماڻهن کي ان جي خبر پئي تہ انهن هن کي ماري ڇڏيو ۽ مون کي
ڪيڏي ڇڏيو ۽ منهن جو ٻار بہ ٻڪہ ۾ مري رهيو آهي. گيان جو اِراد
ويتر پڪو ٿي ويو ۽ هن استريءَ کي چيو- ”تون مون سان اچ، مار
تنهن جي رکيا ڪندس“ ۽ ان استريءَ کي پاڻ سان وٺي ويو.

گيان ڌرم جي برخلاف پرچار ڪرڻ شروع ڪيو. هو چوڻ لڳ
ڌرم ڪوڙو ٻنڌن آهي. پرماتما هڪ آهي ڌرم ۽ ٻنڌنن کان پر
آهي. ڌرم اسان کي محدود دائري ۾ رکي ٿو، اسان تي روڪ ٿو
وجهي ٿو، اسان کي پرماتما کان الڳہ ڪري ٿو ان ڪري ڌرم اسا
جو دشمن آهي.

پر ڪنهن چيو تہ جو انسان پرائي ۽ ڀِشڪار ڪيل عورت ک
پاڻ وٽ رکي ٿو، ان جي ڳالهہ کي ڪهڙو وزن. هو سماج کان ڪريل
نيچ آهي.

تڏهن ماڻهن هن کي سماج مان ٿالهين تان لاهي ٻاهر ڪڍ
ڇڏيو.

.....

گيان ڏٺو تہ ڌرم سان لڙڻ کان اڳہ سماج سان لڙڻو پوند
جيستائين سماج تي جيت نہ ملي آهي تيستائين ڌرم جو ڪنڊن ت
نٿو سگهي.

تڏهن هو ان پرڪار پرچار ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ هي ڌر
جا ٺيڪيدار، پنڊت پروهت، ملا مولوي ڪير آهن؟ انهن کي ڪه
حق آهي اسان جي جيون کي پابند ڪرڻ جو؟ اچو! تہ اسين انه
کي هٽائي ڇڏيون ۽ هڪ آزاد سماج جي رچنا ڪريون تہ جيئن ترقي
جي راهہ تي هلي سگهون.

تڏهن هڪ ڏينهن ڏاريءَ سرڪار جا ٻہ سپاهي اچي ڪيس
سماج جي الڳہ الڳہ فرقن ۾ ونجوڳہ پيدا ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ پڪڙ
وٺي ويا.

.....

سوُٽ

ليکڪ : رمڻ لال وسنت لال ديسائي

دنڪرلال هڪ پراچين ديسائي ڪٽنب جي ونس مان هو. ڪيس
ِهنجو عاليشان مڪان هو. گهر ۾ نوڪرن چاڪرن جي ڪمي ڪانہ
ٿي. بيل گاڏي هيس، بگي هيس جنهن جو گهوڙو مري چڪو هو ۽
لين گهوڙي خريدڻ جي چرچا پئي ٿيندي هئي. مهمانن جو ڏم
ي پئي هوندي هئي. ڪليڪٽر، اسسٽنٽ ڪليڪٽر، مختيارڪار
تحصيلدار)، ريلوي آفيسر ۽ ٻيا دنڪر لال ديسائيءَ وٽ مهمان هوندا
ئا ۽ ان جي دعوت تي حاضر رهندا هئا. دنڪرلال ديسائي ميڙ
نت جي ڪلا ۾ ماهر هو ۽ جڻ تہ هر مهني سندس وٽ ڪا نہ ڪا
عوت ٿيندي رهندي هئي.

وجيہ لال (وجو) ديسائي دنڪرلال ديسائيءَ جو سوُٽ هوندو هو،
و پنهنجي ساٿي ۽ هڪ جيڏي مالڪ دنڪرلال جي ادارتا (جنهن کي
و فضول خرچ چئي پنهنجي من جو بخار ڪڍندو هو) کان گهبرائجي
بواني عدالت جي معرفت ملڪيت جو ورهاڱو ڪرائي ورتو ۽ پنهنجي
لڪيت جو حصو وٺي، پنهنجي منهن پنهنجو الڳ ڏنڌو ڪرڻ لڳو.

دنڪر ديسائيءَ کي ان ڳالهہ جو ڪافي رنج ٿيو. اهو ڪٽنب
و پيڙهين کان گڏيل روپ ۾ ملڪيت ماٽي رهيو هو سو هن نموني
ٽڪر ٽڪر ٿي وڃي، سا ڳالهہ ڪيس نہ وڻي. ان گهٽنا ٻنهي سوُٽن
ي دلين ۾ اٽڪٽ جي ڳنڍ پئدا ڪري ڇڏي. ٻئي هڪ ٻئي جا
شمن ٿي پيا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ گار گند، مهڻن سهمن ۽ طعنن تنڪن
ا تير هلڻ لڳا.

هڪ تہ گهر جا ٻہ حصا ڪيا وَيا هئا. ان ڪري ٻنهي گهرن جي
چ ۾ هڪ ئي ديوار هئي. ان ڪري ظاهري جهيڙي جهٽي کان سواءِ
، هڪ ٻئي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري هڪ ٻئي جي مذاق اڏائي، لڙڻ

اَميرن کي ان ڳالهہ جي خبر پئَي تڏهن انهن هڪ ڏينهن چپ چاپ
۾ پنهنجي جاسوسن دواران کيس پڪڙائي هڪ پهاڙ تي قلعي ۾ قيد
ڪري ڇڏيو. اتي ايڪانت ۾ کيس ستائڻ لاءِ، روز کيس کائڻ لا
هڪ مني پر چٽا ۽ پيئڻ لاءِ هڪ پاٽيءَ جو لوٽو ڏيندا هئَا.

ڏيري ڏيري گيان جي من ۾ نفرت پيدا ٿيڻ لڳي. جيون کيس
هڪ قسم جو بار ۽ بوجو سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو. سندس من ۾ سدائين
اهو خيال گهمڻ لڳو تہ مان گيان! ايشور جو عيوضي، ايترو تہ لاچار
محتاج آهيان جو پيٽ پري روٽيءَ جو بندوبست بہ منهنجي لا
ممڪن نہ آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ هيءَ جيون ڪيترو ن
بيسود، ڪيترو نہ پولو ۽ کوکو آهي ۽ ڪيتري نہ ان ۾ بيماني آهي

هڪ ڏينهن هو قلعي جي ديوار تي چڙهي ويو. ٻاهر کاهيءَ ۾
پريل پاٽي ڏسندي هڪدم کيس ويچار آيو ۽ هن اهو اراد
ڪيو تہ هو ان ۾ ٽپو ڏيئَي پنهن جا پراڻ تياڳہ ڪندو. پرماتما ون
واپس وڃي کيس پرارٿنا ڪندو تہ کيس هن بار بوجي کان مڪ
ڪري هو سندس عيوضي تہ آهي ليڪن اهڙي سنسار ۾ سندس لا
ڪا جڳهہ ڪانہ آهي.

هو ويچارن ۾ محو يڪ ٽڪ نظر سان کاهيءَ جي پاٽيءَ ک
ڏسڻ لڳو. هو ٽپو ڏيڻ تي ئي هو تہ هن ڏٺو تہ پاٽيءَ ۾ سندس پاڇ
چلڪي رهيو آهي ۽ کيس چئي رهيو آهي تہ بس! پنهنجو پاڻ سار
لڙي چڪين؟

...

گيان پنهنجو پاڻ سنڀالي، پاڻ کي روڪي ورتو ۽ ڏيري ڏير
قلعي جي ديوار تان هيٺ لهي آيو ۽ قلعي جي اندر چڪر ڪاٽڻ لڳ
۽ هن اهو محسوس ڪيو تہ جيون ۾ اسان لاءِ سڀ کان وڏي ۾ وڏ
دشمن ۽ وڏي مشڪلات اِها آهي تہ اسان سدائين آسانيءَ ڏانه
گهلجندا رهون ٿا.

.....

،“ هو اچي چو؟ کھڙو منهن کڻي اچي. ڪڏهن ڪنهن کي گهر
هرائي دعوت به ڏني اٿس؟”
۽ وجو ديسائي چوندو رهندو هو ته ”هيءُ دنڪر کھڙو نه مورکه
هي ڪيس خبر نه آهي ڪڏهين عقل ايندو. مورک ڪارائڻ وارا ته
ڪاري ڪائڻ وارا.“

ليڪن ڪڏهن ڪنهن نئين آفيسر کي دعوت هوندي ۽ وجو
يسائيءَ کي ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مجبورن وڃڻو پوندو هو ته دنڪر
يسائي خاص طور سان ان جي واقفيت ڪرائيندو هو.

”صاحب هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي. گڏ پليا آهيون ۽ هڪ ئي
ڏاڏي جو ان ڪاڏو آهي.“

”اڇا! اها ڳالهه آهي“ چوندي نئون آيل صاحب مسڪرائيندو
رهندو.

”جي حضور. وڏن جو پڇ اڃا ساٿ ڏيئي رهيو آهي.“ وجو
ديسائيءَ کي چوٽو ئي پوندو هو.

ليڪن دعوت پوري ٿيڻ تي ئي وري ٻئي جڻا هڪ ٻئي ۾
الجهي پوندا هئا. خبر نه آهي ته ٻنهي کي هڪ ٻئي لاءِ اهڙي کهڙي
نفرت ويهي ويئي هئي جو سواءِ جهيڙي جي ٻيو ڪين ڪجهه سجهندو
ئي ڪون هو. ڪڏهن ڪڏهن ته نوبت اها اچي ويندي هئي جو پاڻ
۾ ڳالهائيندا ئي ڪونه هئا.

دنڪر ديسائي صرف آفيسرن جي خاطر داري ۽ مهمانن جي
آدر ستڪار تائين محدود نه هو پر دان دکشٽا ۽ هر ڪم ۾ هن جو
نالو اڳرو هوندو هو.

ساڌن سنتن کي ڪارائڻ جو ڪم هجي، يا ساپتاهڪ رامايڻ
مهاڀارت جي پاٺ ڪرڻ واري شاستري مهاشيه کي پڳڙي دپٽو پيٽ
ڪرڻ جو ڪم هجي، ڪنهن استاد ڳويئي کي انعام اقرار جو سوال
هجي يا رام ليلا جي پربنڌ ڪرڻ جو سوال هجي، دنڪر ڪڏهن به
پٺتي نه پوندو هو. وجيه ديسائي اُنهن ڪمن ۾ ڪڏهن به ساٿ نه

جو آنند وٺندا رهندا هئا.

”هن کي ديسائي چوي ڪير ٿو؟ هو تہ بنيو آهي پڪو بنيـ
ذرا هن جي دل تہ ڏسو“ چوندي دنڪر پنهنجو آواز ايڏو تہ بلـ
ڪندو هو جو ٻنهي گهرن جا آدمي پلي پانت ٻڌي سگهن.

اهو سوچيندي تہ اُهي طعنا مون کي ٿا هنيا وڃن، وجو ديسائيـ
جو چهرو لال ٿي ويندو هو ۽ ٻئي طرف کان زور سان چلائيندي چوـ
هو تہ ”سوئر ڪنهن جاءِ جو، ساري ديسائي گري جوڙڻ وينو آهي

دنڪر ڏوليءَ کان اڌورو اُٿندي چلائيندي چوندو تہ ”تـ
ڪنهن کي ٿو چوين.“

”توکي ! تو ۾ ايترو سمجهڻ جو عقل بہ تہ هجي نہ!“

”ڏاڍو عقلمند آيو آهي هيءُ ڏن جون ڪمريون پوري وينـ
نانگ ٻڌجي وينو آهي نانگ! ڪمبخت ڪنهن جاءِ جو.“

۽ ايتري ۾ ٻنهي جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پوندو هو.

انهن جهيڙن ۾ پوڌا ٻئي سوٽ هوندا هئا. انهن جي گهر جـ
زالن ۽ ٻارن تي انهن جي جهيڙي جو ڪوبہ اثر جو ڏيکاءُ نہ هونـ
هو. جڏهن بہ دنڪر ديسائي ۽ وجو ديسائي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جـ
پڳڙي لاهڻ ۾ رڌل رهندا هئا تڏهن ٻنهي جون زالون پاڻ ۾ ڪتاـ
مربي ناهڻ جي صلاح ڪنديون رهنديون هيون يا ڳهن ڳنن جـ
ڳالهہ ٻولهہ ۾ رڌل رهنديون هيون. ڪڏهن وجو ديسائي جي ڪنـ
دنڪر ديسائي جي نينگريءَ جا وار سنواريندي نظر ايندي تہ ڪڏهـ
دنڪر ديسائي جي گهر واري وجو ديسائي جي ڪڪي کي کارائينڊـ
ڏسڻ ۾ ايندي هئي. انهن جي جهيڙي جي اها خاصيت هئيـ
سندن جهيڙو سندن تائين محدود هو ۽ سندن ڪٽنب جا ٻار ۽ زالـ
ان کان اڇوتا (وانجهيل) هئا.

ڪنهن بہ دعوت جي ڏينهن وجو ديسائيءَ کي نيند ڏيڻ
دنڪر ديسائيءَ کان رهيو نہ ويندو هو ليڪن وجو ديسائي ڪداچـ
ان ۾ شامل نہ ٿيندو هو اهڙن موقعن تي دنڪر ائين چوندو رهندوـ

ئداد ڏسي رهيو هو ۽ بلڪل چپ ۽ شانت هو.ايتري ۾ سندس
تري اچانڪ ڪمري کان ٻاهر آئي ۽ چوڻ لڳي ته ” پيئيا جي گهر
ضبطي آئي آهي.“
”سندس تقدير- مان ڇا ٿو ڪري سگهان.“
” ڇا ٿا چئو! اها ته سني ڳالهه ڪانهي. ڪجهه ڪرڻ کپي.“
” ڪن ان جا يار دوست- ڪليڪٽرن ۽ ڪمشنرن کي ڪارايو
ارو اٿس- اُهي سڀ مري ٿوروئي ويا آهن. چو نٿا مدد ڪنس؟“
” ڪجهه ڏيئي وٺي هاڻ ته هن سيٺ کي روانو ڪيو.“
” چار چار پنج پنجه پيرا مان وچ ۾ پيس، ضمانتون ڏنم پر
ي ۽ آهي جو عادتن کان باز اچيئي نٿو. هاڻ مڪان وڪري ڪرڻ
ن سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي پر جي اهي حالتون
ھيون ته ڪنهن ڏينهن خود ڪيس به نيلام ٿيڻو پوندو.“ ائين چئي
جيه ديسائي جهولي تان لهي اڱڻ ۾ ٿهلڻ لڳو. ضبطي ڪارڪون
هر اچي وجيه ديسائيءَ کي عرض ڪيو ته هو ڪين مشير نامي ناهڻ
مدد ڪري.
”هٽ هتان، ڪنهن ٻئي کي سڏي اچ. مون کي فرصت ڪانه
هي.“ چوندي وجيه ديسائي اندر هليو ويو. ڪن ساعت رکي ڪپڙا
ري هو ٻاهر آيو ته ڇا ڏسي ته اڱڻ ۾ سندس پٽني ڪنهن جوان
وڪريءَ کي ڇاتيءَ لايو ان جي اکين مان ڳوڙها اگهي رهي آهي.
جيه ديسائيءَ جڏهن اهو نظارو ڏٺو ته چوڻ لڳو ته ” چو ٻچا! تون چو
وئي رهي آهين؟“
چوڪريءَ روئندي جواب ڏنو ته چاچا جي ڪجهه ڪونهي.“
وءَ چوڪري دنڪر ديسائي جي ڌيءُ پدما هئي.
وجيه ديسائي آٿت ڏيندڙ ٻوليءَ ۾ چيس ته ” تون ناحق
ٻهرائجي رهي آهين. ديسائين جو ڪم ائين ئي هلندو آهي.
ڪڏهين ڪڏهين ڪا ضبطي به اچي ويندي آهي.
” ليڪن هن جا ڏاجي جا ٿهه به ضبط ٿي رهيا آهن.“ وجيه

ڏيندو هو ۽ اگر ڪڏهن ڏيڻو ئي پوندو هوس ته اٺ آنا رپيو ڏيئي
پنهن جي جند ڇڏائي ڇڏيندو هو.

ڪڏهين ڪڏهين ڪي انساهي چندي ڪني ڪرڻ وارا وجير
ديسائيءَ جي تعريف ڪري کيس چاڙهڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ چوند
هئس ته "وجير دادا، هيءُ ڏسو دنڪر پئيا هيترو ڏنو آهي. توهان
ان کان ڇا ۾ گهٽ آهيو." پر وجير ديسائي کي اها پيٽ اصل پسند
نه ايندي هئي ۽ چڙڪ جواب ڏيئي چوندو هو ته "هن کي ته پنڻ
آهي. مان بڪاري ٿيڻ نٿو چاهيان."

هوڏانهن دنڪر ديسائي چندي ڪني ڪرڻ وارن کي
پڙڪائيندي چوندو ته "هن مان توهان کي ڇا حاصل ٿيندو. اڙي
هو اهڙو ته مکي چوس آهي جو صبوح جو منهن ڏسوس ته سڄي
ڏينهن ۾ اَن جو درشن به نصيب ڪونه ٿئي."

... ...

هڪ ڏينهن اچانڪ شام جو دنڪر جو پراڻو شاهوڪار دوست ٻن
ٽن سپاهين ۽ بيلف سان سندس گهر ۾ گهڙيو. شاهوڪار پاڻ سان
ضبطي وارنٽ ڪڍائي آيو هو. دنڪر منصف کي ڪجهه ڏيو وٺ ڪري
بي اونو ٿي وينو هو ۽ هن سوچيو ئي ڪونه هو ته ڪو منصف ايتر
جلدي ضبطيءَ جو آرڊر ڪڍندو. ڪيترن معاملن ۾ نيڪ نيڪ مڪنتاڻ
نه ملڻ ڪري، دنڪر جا وڪيل به اڄ ڪيڏانهن ٽبي هٽي ويا هئا.

دنڪر ڪافي بگڙيو. بدناموسيءَ جي ڪيس ڪرڻ جا دڙڪ
ڏنائين، گورنر کي تار ڪرڻ جو روب ڏيکاريائين. شاهوڪار کي شام
تائين رقم چڪائي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين پر شاهوڪار پنهنجي ٽي
اڙيو ئي رهيو. هو ته ضبطيءَ جو ارادو ئي ڪري آيو هو. دنڪر ج
سڀ حيلا وسيلا بيڪار ويا ۽ هو نراش ٿي ويچارو بڻجي ويهي رهيو
هوڏانهن بيلف شاهوڪار جي اشاري ملڻ تي شين کي ضبط ڪرڻ
شروع ڪيو.

وجير ديسائي پنهنجي اڱڻ ۾ جهولي تي ويني ويني سڄي

”رهڻ ڏي پائي رهڻ ڏي. گهر ۾ ساڙهي پائي ويهه. تنهنجي
ت ڇا آهي سا مون کان ڳجهي ڪانهه آهي.“
”توکي ڪنهن چيو تہ تون پئسا ڏي. بلاشڪ منهنجو گهر نيلام
وڃي ان ۾ توکي ڇا ٿو ٿئي.“
”تہ توکي پئسا ڏيئي ڪير ٿو؟“
”تہ ڪنهن کي ٿو ڏين ؟
”پنهنجيءَ ڪڪيءَ کي ٿو ڏيان. تون ان جا ڳهہ ويهي ضبط
راءِ ۽ مان ويهي ڏسان.“
”پدما تنهنجي ڌيءُ آهي؟“
”ها ! پدما منهنجي ڌيءُ آهي. هڪ دفعو نہ پر سؤ دفعا
هنجي ڌيءُ آهي. هوءَ اڪيلي صرف تنهنجي ڌيءُ ڪا نہ آهي
وءَ سيني ديسائين جي ڌيءُ آهي، ستن پيڙهين جي ڌيءُ آهي.“
” آخر تون پنهنجي پاڻپي نباهي هي رهين. سيني جي
امهون تو مون کي لڄي شرمندو ۽ ڦڪو ڪيو.“ ائين بڪندو دنڪر
يسائي وڃي پنهنجي هندوري ۾ ويهي رهيو. چانديءَ جي پاندان
ان سونهري ورق سان هن به پان ٺاهيا ۽ انهن مان هڪ پدما کي
يئي چبائين تہ ” پدما وڃ پان پنهنجي چاچي کي ڏيئي اچ.“
بئي پاٺراان نموني ۾ نہ ڳالهائيندي بہ پانن جي هير ڦيرڪندا
هندا هئا. هو ڪيترو بہ پاڻ ۾ ڇونہ وڙهيا هجن، ائين جهيڙي
هتي هوندي بہ ڪو ڏينهن خالي نہ ويو هوندو جنهن ڏينهن دنڪر
يسائيءَ جو پان، وڄيہ ديسائي نہ کاڌو هجي.
وهاڻي جي ٽيڪ جي سهاري وهندي، سوچيندي سوچيندي
نڪر ديسائيءَ جي دل ۾ هڪ ويچار هر گهڙيءَ اٿندو رهي ٿو تہ
’ وڄيہ کهڙو بہ ڇونہ هجي، آخر هو آهي تہ ديسائي بار نہ.“
... ...

ديسائيءَ جي ڪنوار ڇيو.

پدما جون اکيون وري پرجي آيون. ڏاجي ۾ مليل ڳهن ج
اهڙي دردشا ڏسي سندس ڪليجو ڪنبي رهيو هو.

” پٽ! روءُ نه ! ڪنهن جي مجال آهي جو تنهنجي ڳهن
هٿ لائي.“ ائين چوندي ديسائيءَ هڪ چابين جو ڳڇو پنهنج
پتنيءَ طرف اُڇلائيندي چيو ته ” هن ننڍيءَ صندوق ۾ نوٽن
بنڊل پيو آهي اهو وڃي ڪڍي اچ.“

ديسائڻ ڊوڙندي ويئي ۽ ترت نوٽن جو بنڊل ڪڍي واپس موٽ
آئي. وجيه ديسائيءَ نوٽن جو بنڊل پدما کي هٿن ۾ ڏنو ۽ چيائين
ته ” وڃ پٽ ۽ هيءُ وڃي پنهنجي پيءُ کي ڏي.“

پدما نوٽ ڪڍي گهر ويئي ليڪن جيترو ڦڙتي سان هوءَ ويئ
اوتروئي ڦڙتيءَ سان هوءَ واپس به موٽي آئي ۽ دک پريئي دبيل آ
۾ چيائين ته ” بابو ونڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ انهيءَ نوٽن کي
ڪري ڇڏيو.“

وجيه ديسائي اچانڪ گجي اٿيو ” وڏو لڪپتي آهي ونما
سيٺ“.

ونمالي سيٺ دريءَ کان رستي ڏي ڏسي رهيو هو ايتري
وجيه ديسائي ڪڙڪو ڪندي اندر گهڙيو ۽ چوڻ لڳو ته ” هيٺ له
بيشرم ڪنهن جاءِ جو. تنهنجي ايتري همٿ جو بنا منهنجي پڇ
جي اندر گهر ۾ گهڙي آيو آهين؟

سيٺ چوڻ لڳو ته ” ديسائي مان جڏهن آيو هوس ته توه
سامهون وينا هئا.“

” نڪر هتان سنيال پنهنجا پئسا ۽ وٺ پنهنجو رستو. وياج ڏ
وياج ۾ ماڻهن کي برباد تا ڪري ڇڏيو. حرام خور ڪنهن جاءِ جا.

انهيءَ وقت دنڪر ديسائي ڳاڙهو پيلو ٿيندو هيٺ لٿو ۽ وج
ديسائيءَ سان الجهي پيو ته ” تون ڪير ٿيندو آهين منهنجا پئ
ڏيڻ وارو. منهنجي عزت سان راند ڪرڻ آيو آهين.“

مون چيو، ”اڙي آير، اچ اچ.....اڙي اچ ڏس تہ ھيءُ ڪير آيو
ـي..“
آير ھٿن ۾ پيل ڪاغذن ۾ ھوشياريءَ سان لپيٽيل چمپل کي
سيرو رکيو. مٽي جي وارن کي وڪوڙي پاٽيءَ کي نپوڙي ڪڍيو.
ياٿين تيز برسات آھي.
مون چيو، ”تون ڇا گھٽ تيز آھين جو ھھڙيءَ تيز برسات ۾
ڪري پيو آھين.“
معلوم ٿيو تہ جناب اچي رھيو آھي ان ڳوٺ کان جو ڏھہ ميل
ري آھي. روانو ٿيو تہ ان وقت برسات ھئي ڪونہ. ھيءَ ساڙھي اچ
ويل ھي تيار ٿي ھئي پنھنجي ھي ڪٽيل سٽ مان تيار ٿيل. اچ
ي پيڻ کي سوکڙيءَ طور موڪلڻ جي خواھش ھيس. ان ڪري
ھر ۾ آيل آھي. منھن جي جڳھہ رستي ۾ پوي ٿي، ان ڪري ھن
طرف مڙي آيو آھي.
مون ساڙھي ڏٺي. اندران اچي شريمتيءَ بہ ڏٺي. ٻنھي کي
ٺي، پسند آئي. ليڪن منھنجي شريمتيءَ کي اھا ڳالھہ بلڪل نہ
ٺي تہ ھو چانھہ نہ پيئندو آھي. ھن چيو، ”چانھہ ٻن منٽن ۾ تيار
ٿي ٿي، اينتري ۾ چاھيو تہ سنان ڪري ونوءِ ڪپڙا بدلي ونو.“
آير چيو، ”پاپي چانھہ کي تہ رھڻ ڏي. ڪپڙا ڏي تہ مان
سنان ضرور ڪرڻ چاھيندس.“
پاپيءَ چيو، ”چانھہ نہ پيئندين تہ مان ڪپڙا بہ ڇو ڏيندس؟“
ٿين ڇئي آير جي جواب ٻڌڻ جي انتظار کي ڇڏي ھوءَ اندر ھلي
يئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ اچي چيائين، ”ھلو، سڀ ڪجھہ تيار
ھي. سنان جي جاءِ پلجي تہ نہ ويو آھين يا مان ھلانءَ.“
آير ڪچي ۽ گنجيءَ ۾ منھنجي شريمتيءَ جي پنيان وڃڻ
لڳو. موٽيو تيسين تائين چانھہ جو سامان ميز تي رکيو پي ويو. آير
ڪپڙا پاتا تہ مون ڏٺو تہ آير منھنجي ڪپڙن ۾ پھريائين کان وڌيڪ
ٺيڪ پي لڳو. چانھہ جي ٽيبل تي ھن ڪافي حيلا ھلايا پر منھن جي

سزا

ليکڪ : جئنيدر ڪما

باهرين وراندي ۾ بانس جي ڪرسيءَ تي ويٺي برسات جـ
سهاوڻي رمجهم ڏسي رهيو هوس. برسات بند ٿيڻ جي اميد نہ هئي
شايد اها ڪيترا ڏينهن هلي سگهي ٿي. ڪڏهين ڪڏهين مينهـ
جهڪو پئي ٿيو تہ ٿوري دير کان پوءِ وري تيز بوڇاڙ پئي پئي. وراندي
۾ پيل بوٽا، مان نوڪر کي چئي پنيان رکائي ڇڏيا هئا.

اهڙي برسات ۾ ڇا پيو ڏسان تہ منهن جو دوست اَير اچي
رهيو هو. اير جو ڪو پروسو ڪونهي، سڏ ڪندا رهوس تہ شايد هڪ
نہ ٻڌي، پر اوچتو ڪڏهين اچي ٽپڪي ان جو پتو بہ نہ پوندو. ڳوٺ
جا ڳوٺ پيو گهمندو آهي. بي. اي. ۾ اول درجي ۾ اچڻ جو پراشچت
شايد زندگي ڀر ڪرڻو هوس. پراشچت ڪرڻ جو ڍنگ اهو اٿس
ڳالهائڻ ٻولهائڻ يا هلت چلت ۾ ڪنهن کي پتو لڳائڻ نہ ڏيندو
هو ڪو انگريزي ڄاڻي ٻڳالهائيندو هڪدم واهيات هندي. هندستا
جي ڪنهن ساموندي ڪناري جي آس پاس جي ڪنهن ڳوٺ جـ
رهندڙ هو. هاڻ هتي دهليءَ ۾ چرخي کي ڌرم سمجهي ان جي
پرچار ۾ لڳل رهي ٿو. مان پلي ماڻهوءَ کي چئي چئي ٿڪجي پيـ
آهيان تہ اڙي ڀائي اَير! ڇو ماءُ پيءُ، ڀائرن ڀينرن کان وڇڙجي
ڪانگريس جي هن ڪلراڻي ڪم ۾ ڇهتي پيو آهين. پنهن جي
شڪل بہ ڪڏهين آئيني ۾ ڏسندو آهين؟ پنهنجو پاڻ سان اهڙي
ڪهڙي دشمني؟ وواهـ ڪري پنهن جي لايق بڻج . ٻڌين، ٿو؟

پر اَير اهي جو سيني ڪئوڙين ڳالهين کي مني مسڪراهـ
جي جواب ۾ ٽاري ڇڏيندو آهي. پر اَير جي واڪاڻ کي ڇڏجي ڇو تہ
ان جي واڪاڻ جو موقعو ڪونہ آهي. حضرت آهي پاڻيءَ ۾ تَر ٿيل
مٿي تي ٽوپي اٿس ڪانہ، ڇاتيءَ جي تہ ڳالهہ هي نہ ڪيو. چمپل
سان اٿيل ڦينگن ڪري سندس ڌوتي رنگين ٿي ويئي هئي.

پتو پيو تہ هن جو ٻٽون غائب آهي. خبر نہ آهي چا ٿيو. ٿيڻ تہ
کيسي ۾ ڪپندو هو پر اچانڪ کيس ڪجهہ خيال آيو ۽ ڪرسين جي
وچ مان رستو ناهيندو هو اندر هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ واپس آيو
۽ اچي چيائين، ”توهان جي نوڪر جو نالو چا آهي؟ هن تہ سنان
گهر ۾ ٻٽون ڪونہ ڏٺو آهي؟ مونکي ياد آهي تہ سنان کان اڳہ مان
ٻٽون الڳہ ڪڍي رکيو هو پر هاڻي اتي ڪونہ آهي.“

اهو بہ معلوم ٿيو تہ ٻٽونءَ ۾ ڏهہ ڏهہ جا چار نوٽ، ٻہ روپيہ
روڪڙا، ڪجهہ ريزگاري، ٻہ ڪمائتا خط ۽ هڪ ڪنهن جي ائڊريس
پيل آهي.

مون پنهن جي نوڪر سرجنا کي سڏ ڪري ٻٽونءَ جي بابت
پڇيو. هو ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ ڪجهہ ٻڌائي نہ سگهيو. مان
کيس تاڪيد ڪندي چيو تہ وڃي تلاش ڪر نہ تہ تون سمجهين ٿو.
گهر ۾ ٻيو ڪير آهي، جنهن کي ڪجهہ چئي سگهجي.

سرجنا پاڻ کي نردوش چاٽايو پر منهن جي دڙڪي داب ڪري
هو ڪجهہ وڌيڪ ڪُڇي نہ سگهيو ۽ هليو ويو.

شريمتيءَ پڇا ڳاڇا ڪرڻ شروع ڪئي تہ ڪلدار کهڙي بادشاه
جا هئا ۽ کهڙي سن جا هئا؟ ڏهن روپين جي نوٽ ۾ ڪو وڏو بہ هو
يا سڀ ننڍا هئا ۽ کهڙي کيسي ۾ چا ۽ وغيرہ وغيرہ. مون چيو پڇا
ڳاچا ڪري پنهن جو من هي خوش ڪندينءَ يا ڪجهہ ڪرشمو بہ
ڏيکاريندينءَ. پاڙيسريءَ جا جيڪي مسوازي آهن، انهن مان ڪجهہ
پتو ڪتو لڳائڻ جي ڪوشش ڪر. ٻڌءِ؟“

پهريائين تہ شريمتي ڪجهہ گرميءَ ۾ جواب ڏيڻ لاءِ اُتاولي
ڏسڻ ۾ آئي ۽ ائين سمجهڻ ۾ آيو تہ هن اِهو چوڻ چاهيو پي تہ هوءَ
ئي سڀ ڪجهہ ڪري تہ نيڪ پر ائين نہ تہ ٻيا بہ ڪجهہ هٿ پير
هلائن - چونہ، وڏا ماڻهو جو ٿيا...

ليڪن اهو سڀ چوي چوي، ان کان پهريائين ئي سياويڪ
نموني ۾ چيائين تہ ويل روپيہ بہ ڪڏهين واپس مليا آهن؟ پر هڪ

شريمتي آخر ڪار هن جو قسم ٽوڙائي هي رکيو، يعنيٰ آير جي گرم
کير جي پيالي ۾ چانهه جا ڪجهه ڦڙا وڌا. آير ڪلي ڪلي ان پيالي
کي چپن تي لڳايو ۽ ڍڪ ڍڪ ڪري پي ويو ۽ چيائين ”اوهان ناراض
نه ٿيو ته اهڙو زهر سان ڇُپيل پيالو، هڪ به ڇيو به پي سگهان ٿو.
جيڪڏهين توهان ڏيندا ته“

مان بڌي ڪري ڪاهلو ٿي پيس. مان ان انسان کي انگيڪار
ڪري نٿو سگهان جيڪو مذاق جو سهارو نٿو ڪري. آير جي ڪنواري
پڻ جي اوستا کي به مان ان ڪري نظر انداز ڪري سگهان ٿو ته هن
مهاشيه شروعات کان هي منهن جي شريمتيءَ کي 'پاپي' ڪري سڏيو
آهي ۽ هڪ ڏينهن به هن 'بهن جي يعنيٰ ڀيڻ' ڪري نه سڏيو آهي.
مون چيو ”بڌ،زهر گهٽ ڪرڻ جي تاڪيد ذرا هن مهاتما (شريمتيءَ
ڏانهن اشارو) کان ملندءِ پر ان کان اڳ تون پنهنجي طرفان هي
سنڪوچ ڇو ٿو ڪرين.“

سچ پچ هن دفعي شريمتيءَ اڌ پيالو چانهه سان پري ان ۾ کير
وڌو ۽ آير بس بس هي چوندو رهيو ۽ شريمتيءَ ڪلي چيو، ”پاڻ ڏيئي
رهي آهيان تڏهين به ڏڄين ٿو؟ هان، وٺ، ڍپ نه ڪر.“

آير ڪلي چيو، ”مان بي گناه آهيان، مون تي مهرباني ڇو؟“
ائين چئي هن پيالو هٿن ۾ ڪنيو.

هن جي پاپيءَ به ان ريت ڪلي چيس، ”سوچ نه، زهر هي
امرت ٿيندو آهي اکيون بند ڪري رام جو نالو وٺي پي وڃ.“

”ته وٺ“ ائين چئي هن پيالو چپن تي آندو

ليڪن ڇاٿو ڏسڻ ۾ اچي ته هن يڪدم پيالو ميز تي رکيو ۽
اٿي بهي ڇاتيءَ تي هٿ رکي ڪڙتي جي کيسن جي جاچ ڪري
رهيو هو. مون چيو، ”ڇو، ڇا ٿيو.“

ٿوري ۾ هن چيو، ”ڪجهه ڪونهي“ ائين چئي پنهنجي
ڪرسيءَ کي هٽائي پُلندي ۾ رکيل ساڙهيءَ جي تهن کي هٿ
ڦيري ڪجهه ڏسڻ لڳو.

کري سگهان؟ هو چور ٿئي تہ ڇا مان چپ چاپ هن کي ڏسندي
دس؟ ڇئو، توهانکي شڪ آهي؟''
مون چيو، ''شڪ ڪونهي. ثبوت جو سوال آهي.''
شريمتيءَ مون ڏانهن نهاري زور زور سان چيو، ''ثبوت ناهي،
جو سوال آهي. شڪ ڪافي آهي تہ ان تي هي مان سرجنا کي اڏ
نہ ڪيو تہ پوءِ مان هن جي ڪيئن مالڪڻ آهيان؟ ڇئو، ڇا ٿا
.''
مون وري چيو، ''مان ڇا چوان؟''
چيائين، ''تہ مان چوان ٿي تہ اهو ڪم هن جو نہ آهي.''
ائين چئي هوءَ چپ ٿي ويئي، مٿي تي آڱر رکي، ڇانهہ جي
جي پاسي ۾ فرش تي اکيون کپائي خبر نہ آهي ڇا ڏسي رهي
ي ۽ اوچتو هي خفي پريل نوع ۾ چيائين، ''نہ، اهو ڪم هن جو
نٿو سگهي. هرگز ٿي نٿو سگهي. ٻڌو ٿا، هڪ لفظ بہ ان باري ۾
کي ڪير نہ چوي. منهن جي گهر ۾ رهندي، هن کي ڪير
جهہ چئي نٿو سگهي.''
ان ڪان پوءِ ٿوري دير سوچ ۾ پئجي رهي ۽ ان ڪان پوءِ وري
ڇا ٻاڇا ڪرڻ ۾ لڳي ويئي. روپيہ کهڙي کهڙي راجا جي مورت
هئا؟ کهڙي کهڙي سن يعنيٰ سال جا هئا. نوٽ ننڍا هئا يا وڏا
نهن جا نمبر کهڙا هئا. ٻٽون کهڙو هو ان جي هر هڪ خاني ۾
ڇا پيل هو. اوهو، ذپ وارو ٻٽون هو ۽ ڏهين ڏهين جا ٿي نوٽ ان
هئا، تہ نيڪ آهي.........ان ريت پنهن جو پاڻ ۾ الجهيل نموني
ڳالهيون ڪندي اَير سان پڇا ڳاڇا ڪندي رهي. پڇا ڳاڇا ختم
ري هوءَ ڪجهہ وقت لاءِ گم شم ويني رهي ۽ اچانڪ چيائن، ''منهن
و پاڙي وارن جي رسوئڻ تي شڪ آهي.''
مان اچرج مان چيو، ''رسوئڻ''
مان ڪيترا پيرا ان رسوئڻ کي پاسي واري مسواڙين وٽ ايندي
ندي ڏٺو هو پر ڪڏهين بہ پورو ڏسي نہ سگهيو هوس. سندس ساڙهي

ڳالھ جي پڪ ٿيڻ گھرجي تہ جيڪڏھين مان ڳولھي ڏيان تہ مون
کي انعام ڇا ملندو؟

اَير ھن وقت سوڌو سھارو ڪري ويٺو ھو تہ ويا سي ويا ان ڪري
وقت ۽ پنھن جي شانتي ڇو وڃائجي. ليڪن شريمتيءَ جي انعام
جي ڳالھ ٻڌي ڪري چيائين، ”پاپي ڇو ٿي تنگ ڪرين. ڪٿي اچ
مون کي پئون ڏي نہ.“

شريمتيءَ چيو ”تہ ڇا مان چور آھيان، مون پئون ڪٿي رکيو
آھي؟“

اَير چيو، ”آخر تون ڏينديءَ تہ سھي.“

ليڪن شريمتيءَ ان کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ھوءَ ڪاڏيءَ
تي ھٿ رکي ڪنھن ويچار ۾ ميز تي جھڪي ڪري ويھي رھي ۽
ڪجھ وقت لاءِ ڪجھ بہ نہ ڳالھايو. ان قسم جي سمجھ ۾ نہ ايندڙ
چپ چپات ڪري ٻيو بہ سڀ ڪجھ رکجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ
اچانڪ چيائين، ”سرجنا کي اسان وٽ رھندي ڏھ سال تہ ٿي ويا
آھن. توھان ڇا ائين سمجھو ٿا تہ ان پئون ڪنيو ھوندو؟“

مون چيو، ”مان نٿو سمجھان“

چيائين ”ھڪ دفعو توھان ڪيسي مان ڪجھ گھٽ پئسن جي
شڪايت ڪئي ھئي ۽ اھي پوءِ مليا بہ ڪونہ. ليڪن سرجنا ڪنيا
ھوندا ، ان جو ثبوت بہ تہ نہ مليو ھو.“

مون کي چپ ڏسي چيائين، ”ٻڌو ٿا، پوءِ ڇا ٿا چئو.“

مون چيو، ”ڇا چوان“

چيائين ”چئو ڇو نٿا. شڪ ھجيو تہ چئو. مان ھن جي چمڙي
ڇھبوڪن سان اکڙي سگھان ٿي.“

مون چيو، ”ناحق“

چيائين ”توھان بلاشڪ ناحق چئو پر منھن جو ھن تي پورو
حق آھي. مان ھن کي چوان تہ ھو ھاڻي ئي جمنا ۾ ٻڏي مرندو. ھو
مون کي ايترو مڃيندو آھي، تہ ڇا مان ھن کي ماري بيحال

جوري ڪرڻ اسان جي گهر کان سواءِ ڪٿي ٻاهران نہ سڪي آهي
، جي هو چور آهي تہ اسان هن کي چور بڻايو آهي. اسان هن ۾
ءِ اوشواس جي لاءِ ڪا خالي جڳهہ ڇڏي هوندي، تڏهين تہ ٻئون
هن جو من للچايو هوندو ۽ جي هن جو من بگڙيو بہ آهي تہ هن
کي چو نہ ٻڌايو. ان ڪري ڪٿان نہ ڪٿين ٻئون ڳولهڻو هي
و نہ تہ مان هن ڪمبخت سرجنا کي جيئرو نہ ڇڏيندس.
اسان کي ۽ گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ ان جي پاونا ۽ ان جا دليل
جهہ ۾ نہ آيا ۽ هوءَ اسان جي وچ مان اٿي هلي ويئي. هن جي اٿي
مون کي برو نہ لڳو. هن جي وڃڻ کان پوءِ مان ۽ آير ديس
يش، نيتي، سڏانت تي ڳالهيون ٻولهيون ڪندا رهياسين ۽ ٻئون
بلا کي دل دماغ مان وساري ڇڏيوسين.
مان آير کي هميشه چوندو رهيو آهيان تہ ڏس پائي شيوا ڪرڻ
ڳالهہ آهي، ليڪن زندگيءَ ۾ پنهن جي پيرن تي بهڻ بہ
وري آهي. هيءُ ڇا جو تون ڳوٺ ڳوٺ ۾ گهمندو رهين ٿو، اِهو تہ
ءِ تہ ڪانگريس ۾ تون ڪهڙي عهدي تي آهين؟ پرانتڪ ڪاميٽي
يمبر تي وڃين تہ حد ٿي ويئي. ڏسين نٿو تہ ليڊر ڪير آهن،
آهن جن وٽ سڀ ڪجهہ آهي، گهٽي ۽ دائمي آمدني، بنگلا
ر ۽ پوئلڳن جي پيڙ. شيوا بہ انهن جي ٿئي ٿي، تو جهڙي شيوا
حڙي جنهن ۾ تون پاڻ کي بہ نهوري ڇڏيو آهي. آدرش! آدرش
ڳالهہ نہ ڪر. وهنوار کي ڏس ۽ وهنوار چئي ٿو تہ سچائيءَ کان
رائيءَ جو وڏيڪ ماڻ آهي. ٻن ٽن سالن ۾ ڪانگريس جي پاران
ن کي ميونسپل ۾ ڏسندين ۽ ڪانگريس پارٽيءَ ۾ توکان اڳتي
ندس. آير اهو پتڪڻ ڇڏي ڏي ۽ اهو رستو اختيار ڪر جنتي تنهن
اصلي قابليت چمڪي ظاهر ٿئي. تون پنهن جو گروپ بڻاءِ،
هن جو شيوائون توسان رهنديون، لوڪل پالٽڪس.....
ان ريت ڳالهہ ٻولهہ، مڪاني حدن کان ديش پرديش تائين
نديون رهيون. راجنيتي ۽ سڏانت واد جي اونچي منارن کي

مٿي تي ڪافي اڳتي وڌيل رهندي هئي جنهن ڪري سندس من
چڻ تہ ڍڪيل رهندو هو. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪنهن سار
ٿيندو هو. چپ چاپ ايندي هئي ۽ چپ چاپ هلي ويندي هئ
ڪنهنجي بہ واتان ان لاءِ شڪايت منهن جي ڪنن تي نہ آئي ه
ان ڪري مان اچرج مان چيو، ”رسوئڻ!“

شريمتيءَ چيو، ”خيال ۾ اچي ٿو تہ سنان گهر طرف وين
مون کي ان جي ڪجهہ جهلڪ ملي هئي.“

ان رسوئڻ کي اڳيان رکي، ان مسئلي جي حل ڳولهڻ ۾ ڳال
ٻولهہ ڪرڻ ۾ لڳاسين هوءَ ڪنهن وٽان پگهار وٺي ٿي ۽ ڪنهن
ڪم ڪري ٿي. ان کان ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ۾ پڇا ڳاڇا ڪ
سگهجي. ڇڏيو جو ويو سو ويو، ڪنهن تي شڪ ڪري ان کي بي ع
ڪيئن ڪجي؟

آير ۽ منهنجي اِها راءِ بيٺي تہ قصي کي اتي ئي ڇڏي ڏج
شريمتيءَ جي هاوَ ڀاوَ مان ائين پئي معلوم ٿيو تہ هوءَ ان ڳالهہ
اتي ئي ختم ڪرڻ لاءِ ڪڏهين بہ تيار نہ ٿيندي. ٻٽون نہ ملي
شڪ سرجنا تي هي پڪو ٿي ٻهندو ۽ اهو هن لاءِ سهاري کان ٻاهر
يا تہ ٻٽون ڪٿان ملي، نہ تہ سرجنا کي ان جو چور سمجهڻ،
سهي نہ سگهندي.

ڳالهہ ڳالهہ ۾ مون زور سان چيو تہ ڪير تنهن جي سرجنا
ڪجهہ چئي ٿو؟ ڪير ان تي شڪ نہ ڪندو پر هاڻ ان ڳالهہ کي
بہ ڪريو.

آير جو اهو بہ زور هو تہ ان قصي تي هاڻ هڪ منٽ بہ وٽ
ضايع نہ ڪرڻ گهرجي. روپيہ ويا، پر پنهن جي جان تہ ڪانہ ويئي
شريمتي چوڻ لڳي تہ توهان سرجنا تي شڪ نہ ڪرڻ وارا آهيو ڪ
ٻٽون نٿو ملي تہ اهو ويو ڪيڏانهن؟ ضرور سرجنا هي ان کي غا
ڪيو هوندو ۽ جيڪڏهين سرجنا چور آهي تہ هن ڪٿان چوري ڪ
سکي؟ ائن سالن جو هو تہ مون وٽ آيو. جيڪڏهين هو چور آهي

مون چيو، ”هيءَ ڇا تماشو آهي؟ ڇو تو ڪنهن کي سنايو جي؟“ شربمتيءَ دڙڪو ڏيندي چيو، ”توکي ڪنهن سڏ ڪيو؟ ٻڌاءِ ته تون هن طرف وئي هئينءَ يا نه؟“

جواب ۾ رسوئڻ زور زور سان ڇلائي ڪري پاراتا ڏيندي چيو ته ڀڳوان ان کي هاڻي ماري ڇڏي جي هن ڪنهن جو به ٻئون اکين سان به ڏٺو هجي.

رسوئڻ جو طرف ڪٽندڙ هڪ پاڙي واري جي نوڪر چيو، ”بابوجي، پاپي جي ناحق حيران ڪري رهي آهي. هن ويچاريءَ جو هن وقت ڪير آهي ڪونه. ڏيکاري ڇو نٿي. بابوجي، هن جي تلاشي ونو، ان کان وڏيڪ ان جي جان ته نه وننداَ؟“

ائين چئي، ان آدميءَ رسوئڻ جو هٿ پڪڙي چيو، ڏيکار، تو ڪٿي لڪائي رکيو آهي. ائين چوندي هن رسوئڻ جي ساڙهيءَ جي پلئه جي ڪند کي پڪڙيو. ڏسندي ڏسندي رسوئڻ، پنهنجي مٿي تي آيل ساڙهيءَ جي پلئه کي پري اڇلي ڇڏيو ۽ فقط چوليءَ ۾ ڪليل وارن سان مٿي اڳهاڙي، چنوتيءَ جي روپ ۾ چوڻ لڳي، ”ڏسي ونو جي ڪجهه مون وٽ هجي.

ان آدميءَ چيو سڀ ڪجهه ڏيکار جيئن هن شربمتيءَ کي پورو وشواس ٿئي.

ائين چوندي اهو ماڻهو ۽ رسوئڻ غصي ۾ اچي چوڻ لڳا ته چولي ۽ باقي رهيل ساڙهي به لاهي ڏيکاريون. شربمتيءَ دڙڪو ڏيئي، هٿ سان ان آدميءَ کي پڪڙي پري ڪري ڇڏيو ۽ چيو، ”بدمعاش! حياءُ ڪونهي. (ٻين کي) توهان هتي ڇا ٿا ڏسو؟ هتي ڇا ڪو تماشو آهي؟ هلو ۽ ٻڌو، اي رتنا ۽ ٻهاري، هن کي هتي پڪڙي ٻهو، مان اڇان ٿي. اڇان تيستائين ڪيس نه ڇڏجو.

ائين چوندي شربمتيءَ سيني کي اتان هٽائي ڇڏيو. رسوئڻ هڪدم ويهي، متو ڪٽڻ لڳي ۽ پٽ پاراتا ڏيڻ لڳي ۽ شربمتي ڪيس ان حالت ۾ ڇڏي هلي وئي.

ڇهندي ڳالهيون هلنديون رهيون. ان ۾ ڪڏهين ڪڏهين گرمي
جو واتاورڻ به ٿيو. مان گانڌي واد کي پنهن جي دليلن سان گها
ڪري ڇڏيو. مون کي پڪ آهي ته اَير جي ڪٽرپٽي هي ان
بچائي سگهي، نه ته گانڌي واد ڌراشاهي ٿي ويو. اَير به پنهن
زوردار دليل ڏنا، پر منهن جي جوابي دليل ۾ اهي بهي نه سگه
مون چيو، ”ڏس اَير، جي تون گانڌي واد جي آڌار تي هلندو رهي
ته پوءِ تنهن جو منهن جو سات رهي نه سگهندو. اسان پارت
ڪنگال نه پر خوشحال ديش چاهيون ٿا. تون پاونائن ۾ اچي مون
به غريبن وانگر غريب ٿيڻ لاءِ چوين ٿو، ليڪن اهو سپ پرم ج
آهي. خود خوشحال بڻجي، پنهنجي مثال مان بين کي به خوشح
بڻجڻ جو رستو ڏيکارڻو پوندو. انڊسٽرائيلايزيشن ان کان سواءِ
اُپاءُ ڪونهي.
اَير به ڪجه چيو، پر مون کي پنهن جون ڳالهيون ان ڪر
ياد آهن، جا ڇاڻي ٿڏي واتاورڻ ۾، ان وقت جي گرم واتاورڻ ۾ ٿي
ڳالهيون، مون کي خود ننولي پريل پيون لڳن. اسان ان ريت ڳالهيو
ڪري رهيا هئاسين ته پاسي ۾ ڏيري ڏيري وڌندڙ شور زور پڪڙ
لڳو. گوڙ گنبوڙ ايترو ته تيز هو ته مان پنهن جي جڳه تان اٿي ا
ڏسڻ لاءِ نڪتس ته ڏسان ته ماجرا ڇا آهي؟
باهر نڪري ڏٺم ته انن ڏهن ماڻهن جي ڇڱي پيڙ ڪن
هئي. ڏٺم ته آس پاس ۾ رهندڙ نوڪر چاڪر، پاڙي جو هڪ ٽانگ
وارو، هڪ درزي، هڪ پساري، ان ريت ڪجه ماڻهواتي ڪنا هئ
انهن جي وچ ۾ رسوئڻ بهي ڪري پڪاري رهي هئي ته هن ک
قسم کٽائي ڏسو، ان جا سپ مري وڃن، ان جي بدن ۾ ڪيڙا پو
جيڪڏهن هن ڪجه ڪنيو هجي. هوءَ روئي رهي هئي ۽ پٽي رهي
هئي. پاسي ۾ بينل شريمتي جي ڏيرج سان کيس ڇئي رهي هئي
ته ڇائڻ ۽ چيخڻ مان ڪو فائدو ڪونهي، ڏيرج سان ڳالهين ح
جواب ڏي.

ـہ خبر نہ آهي تہ من ۾ ڪهڙي اٿل پٿل ٿي ويندي آهي ۽ ان
ان تي هڪ قسم جو نشو چڙهيل هو. هن جي هٿ ۾ بانس جو
هو، اهو رسوئڻ کي ڏيکاري صرف هڪ لفظ چيو تہ ”چپ“.
خبر نہ آهي تہ ڇا ٿيو جو رسوئڻ هڪدم چپ ٿي ويئي. تڏهين
تيءَ خود اڳتي وڌي چيو تہ ”هل“ ۽ ڪني ٿيل سيني ماٺهن
چيو تہ ”توهان سيئي هليا وڃو.“ ان کان پوءِ ڇا ٿيو اهو مان
ءَ طرح سان ڇئي نٿو سگهان. شريمتيءَ مان هي ڄاڻي ڪري
ٿيو تہ هوءَ پوءِ هن کي هڪ ڪونيءَ (ڪمري) ۾ وٺي ويئي.
پڇا ڳاڇا ڪري، هن جي سچي جيون جو ليکو چوکو ڄاچيو ۽ ان
پوءِ آهستي آهستي هن پنهنجو ڏوهہ قبول ڪيو ۽ پوءِ هن خود
قبول ڪيو تہ ڪيس سزا ملڻ گهرجي ۽ پوءِ پنهن جي هٿن سان
جي لڪڻ سان شريمتيءَ هن جي خوب مارڪٽ ڪئي.
بي ڪنهن ڳالهہ جي ڄاڻ مونکي ڪانهي تہ هنن جي پاڻ ۾
ڙي گفتگو ٿي، ليڪن هن کي لڪڻ سان مارڪٽ ڪرڻ وقت
ئڻ جي چيخن جو آواز مون بہ ٻڌو هو.
ان کان پوءِ يڪدم شريمتي جي ٻاهر آئي. غصي ۾ هن جا
ڪارا ۽ سندس هٿ اڃان سوڌو ڏڪي (ڪنبي) رهيا هئا ۽ ڪلي
ي اَير کي هن سندس ٻنون ڏنو ۽ چيائينس تہ ڏسي وٺ، سڀ
جهہ ٺيڪ آهي.
اَير بنا ڪجهہ ڏسڻ جي چيو، ”سڀ ٺيڪ آهي.“
چيائين تہ ” نہ ڏسي وٺ“. اَير سڀ ڪجهہ ڏسي چيو سڀ
ڪ آهي.
شريمتيءَ ڪلي ڪري چيو، ”ڏنوَ، مان ڪيتري محنت ڪئي
. مون کي انعام ۾ ڪجهہ نہ ڏيندا؟ توهان جا تہ روپيہ وڃي
ڪا هئا، ان ڪري جي سڀ روپيہ مان انعام ۾ گهران تہ بي واجب
يندو.“
اَير موٽ ۾ ٻنون ان جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيو.

منهنجي خواهش ٿي تہ مان وچ ۾ پئي، رسوئڻ کي چڙائي چڙيان. هن قسم جو نظارو مون کي سهڻو نہ پئي لڳو. اتينت شيل پريل ڏسڻ واري ناري، لڄ شرم کي هن نموني ۾ چنوتي ڏيئي، اهو مون کي ڏاڍو برو لڳو. پر شريمتيءَ جي يوجنا جو مون کي ڪو پتو نہ هو ۽ ان ۾ مان ڪو بہ دخل ڏيئي نہ پي سگهيس. پر تنهن هوندي بہ مان هن کي دلاسو ڏيئي هن جا هٿ چڙيا ۽ چيومانس تہ ڌيرج رکي.

منهنجي ويجهو اچڻ ۽ چوڻ تي رسوئڻ ساڙهيءَ کي دستوري طور مٿي تي رکيو ۽ روئندي چيو، ”مون کي ڪا بہ خبر نہ آهي. مان بي قصور آهيان.“

مان ڪجهہ سماڌان جي ڳالهہ چوڻ وارو هي هوس تہ ڏٺم تہ هوءَ يڪدم اٿي ۽ تڪڙو تڪڙو وڃڻ لڳي. رتنا ۽ بهاريءَ کيس پڪڙڻ لاءِ ڊڪيا، پر مان انهن کي روڪيو.

ڊڪندي هوءَ پنهن جي دروازي تائين پهچي چڪي هئي. پنجن ستن منٽن کان پوءِ منهن جي گهران سرجنا آيو ۽ مون کي سڏي اوڏانهن وٺي ويو. مان چئي نٿو سگهان تہ ان کان پوءِ پنجن ستن منٽن ۾ اتي ڇا ٿيو. گهر اچي ڏٺم تہ پيڙ جي وچ ۾ رسوئڻ بحي ڪري چئي رهي هئي تہ ٻٽون تہ منهنجو هو - هڪ ڏهين روپيہ جو نوٽ، بہ روپيہ ۽ هيترا آنا ان ۾ آهن.

اتي هي شريمتي جي پڇي رهي آهي تہ ”ٻٽوان ۾ ڇا آهي؟“

”ٻيا ڪجهہ ڪاغذ هوندا، باقي پئسا ڪونہ آهن.“

تڏهين سيني جي سامهون شريمتيءَ پنهن جي هٿن ۾ رکيل ٻٽون ڏيکاري، ان جي ذپ کولي. اندران ٿي ڏهين ڏهين جا نوٽ نڪتا.

اهو ڏسي رسوئڻ جو چهرو هڪو ٻڪو ٿي ويو پر هوءَ پٽ پاراتا ڏيندي رهي تہ ڪهڙي ڪار منهين منهنجي پيتيءَ ۾ اهو ٻٽون رکيو - وغيره وغيره.

شريمتيءَ جي ان وقت غصي ۾ پريل شڪل اچ بہ سامهون ايندي

رماتما جو ڪتو

ليکڪ : شري موهن راڪيش

ڪيترائي ماڻهو اُتي ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺا هئا جڻ ته ڪنهن
ي ماتم ۾ ڪنا ٿيا هئا ڪجهه اِنسان پنهنجون ڳنڍيون کولي روٽي
ائي رهيا هئا ته ڪي وري پنهنجا پٽڪا لاهي ڪنڌ هينان رکي،
ڪمپائونڊ کان ٻاهر رستي تي ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. دال چولن واري جو
وزگار گرما گرم هو ۽ ڪيترا ڪاميٽيءَ جي نل تي قطار ڪيو بيٺا
هئا. نل جي پاسي ۾ ڪرسي وجهي عريضي نويس ڌڙاڌڙ درخواستون
ٽائيپ ڪري رهيو هو. سندس مٿي تان پگهر ڳرندو سندس چپن
ٽائين پهچي ويو هو پر ان کي اگهڻ جي ڪيس فرصت ڪانه هئي.
سفيد ڏاڙهين وارا ٻه ٽي جاٽ پنهنجي لنين تي مٿو رکي سندس
واندي ٿيڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. اُس کان بچڻ خاطر سندس
لڳايل تالپتري هوا ۾ اُڏامي رهي هئي ۽ ٿورو پري موڙي تي ويٺل
سندس ڇوڪرو انگريزي پرائيمر جي رٽ لڳائي ويٺو هو. سي-اي-
ٽي ڪئٽ. ڪئٽ معنيٰ ٻلي، ايف اي-ٽي فئٽ، فئٽ معنيٰ ٿلهو،
وغيره. خميص جا اڌ کليل بٽڻ ۽ فائيل بغل ۾ دٻائي ڪجهه ڪلارڪ
بابو، هڪ ٻئي سان مسخري ڪندي، رجسٽريشن برانچ مان، رڪارڊ
برانچ جي طرف وڃي رهيا هئا. لال پٽي وارو چپراسي، آسپاس جي
پيڙ کان اُداس ٿي پنهنجي سٽول تي منحوس ٿيو ويٺو هو ۽ من ئي
من ۾ ڪجهه حساب ڪري رهيو هو. ڪڏهين سندس چپ پي چريا
ته ڪڏهين سندس ڪنڌ پي ڏڏيو. سڄي ڪمپائونڊ ۾ سيپٽمبر جي
کليل اُس ڇانيل هئي جهرڪيون هڪ ڏار تان ٻئي ڏار تي ٽپڻ ۽
وري مٿي اُڏامڻ جو اڀياس ڪري رهيون هيون ته ڪانءَ ڇت تي
پنهن جو شور مچائي رهيا هئا. هڪ ستر پنجهتر ورهين جي ٻڍي
جنهن جو ڪنڌ لڏي رهيو هو ۽ منهن ۾ ڪافي گهنج پيل هيس،
ماڻهن کان پڇي رهي هئي ته هوءَ سندس پٽ جي سرڳواس ٿيڻ

شريمتيءَ کلي ڪري چيو تہ ”هن مئل چمڙي کي مان ڪندس.“ ائين چئي ڪُري چار ئي نوٽ ۽ ٻہ روپيہ ڪڍي، ٻا ٻٽون هن اَير کي واپس ڪيو. مون چيو، ”مِني، توکي شرم اچ گهرجي. هن ويچاريءَ کي تو مار ڪيئن ڏني. ڪنهن کي خبر ڪهڙي لاچاريءَ مجبوريءَ ۾ هن اهو ڪم ڪيو هوندو.“

شريمتيءَ کلي ڪري چيو، ”مون کي خبر آهي. وڏوا کي پٽ ٿي سگهندو آهي ۽ هن جو پٽ ٻاهر ڪٿي ڪنهن سڪول پڙهندو آهي. ستون پاس ڪري هاڻي اٺين ڪلاس ۾ پڙهندو، ان هن ويچاريءَ کي ڪجهہ ڪپندو هو. پر چوري تہ آخر چوري آهي

ان کان پوءِ اسان سمجهي وياسين تہ شريمتيءَ جي انعام ۴۲ روپيہ ان اٺين ڪلاس ۾ پڙهندڙ ٻار جي ڪم ايندا. پر مان هم ڪري پڇيس تہ رسوئڻ ڪٿي آهي. شريمتيءَ غصي ۾ چي ”ڪمبخت اڄان مئي ڪانهي، سڏڪا پئي ٿي پري.“

... .

صاحب جي ڪمري جي گهنٽي وڳي. چپراسي ڪڙائي سان اُٺي ڪمري ۾ ويو ۽ انهيءَ ڪڙائي سان ٻاهر اچي سٽول تي ويهي رهيو. چپراسيءَ ڪان دريءَ تي لڱل پڙدي کي نيڪ ڪرائي ڪمشنر صاحب ميز تي پيل ڪاغذن تي هڪ ئي وقت صحيون ڪيون ۽ چروٽ دکائي ”ريبدرس ڊائجسيٽ“ جوتازوانڪ پڙهڻ لڳو. ”ريبدرس ڊائجسيٽ“ ”لائيف“ وغيره مخزنون سندس گهران ڪاغذن سان گڏ ايندڀون هيون.

ايتري ۾ ٻاهران شور جو آواز اچڻ لڳو.ڪمپائونڊ ۾ وڻ جي هينان تڙيل پکڙيل ويٺل ماڻهن ۾ ٽي نيون صورتيون اچي شامل ٿيون هيون. هڪ ڪرڙوڍ مڙد جنهن پنهنجي پڳڙي لاهي هيٺ وڇائي ڇڏي ۽ هٿ پنيان ڪري ۽ ٽنگون اڳيان ڊگهيڙي، ڌرتيءَ تي پنهنجي وڇايل پڳڙيءَ تي ويهي رهيو. پڳڙيءَ جي خالي آخرين پلاند تي، هڪ ڪائنس وڏي عمر جي اِستري ۽ هڪ جوان ڇوڪري ويٺي هئي ۽ انهن جي ئي پاسي ۾ بيٺل هڪ ڏبرو ڇوڪرو پنهنجي آس پاس جي هر شيءَ کي گهوري ڏسي رهيو هو.

مڙد جون ڊگهيڙيل ٽنگون پوريون ڪلي چڪيون هيون ۽ سندس آواز ايترو تہ وڏو ۽ تيز ٿي ويو هو جو ڪمپائونڊ کان ٻاهر بہ ڪيترن ايندڙ ويندڙ ماڻهن جو ڌيان بہ ان طرف ڇڪجي پيو. هو ڳالهائيندي ڳالهائيندي پنهنجي گوڏن تي هٿ هڻي پٽيندي چئي رهيو هو تہ ”سرڪار کي اجان وقت گهرجي. پنجن ڏهن سالن ۾ سرڪار اهو فيصلو ڪندي تہ درخواست منظور ٿيڻ گهرجي يا نہ. سرڪار وقت ڪڍي رهي آهي. ڪالي ديوي ۽ يمراج بہ تہ اسان جون گهڙيون ڳڻي رهيا آهن. هوڏانهن هو اسان جون گهڙيون پوريون ڪندا ۽ هيڏانهن توهان چئجو تہ توهان جي درخواست منظور ڪئي ويئي.“

چپراسيءَ جي ٽنگ سٽول تان هيٺ کسڪي تہ هو سڌو ٿي ويٺو. ڪمپائونڊ ۾ تڙيل پکڙيل ويٺل ۽ ليٽيل سڀ ماڻهو پنهنجي جڳهہ تي دم رهجي ويا. ڪيترائي ماڻهو وڻ وٽ گڏ ٿي ويا.

ڪان پوءِ سندس پٽ جي نالي تي ائلاٽ ڪيل زمين جي حقدار آهي يا نہ؟.....

اندر هال ۾ فائيلون ڍيري ڍيري لڏي رهيون هيون. ٻہ چار بابو وچ ۾ پيل ميز جي چوڌاري ڪنا تي چانهہ پي رهيا هئا ۽ انهن مان هڪ دفتري ڪاغذ تي لکيل پنهن جو تازو لکيل غزل دوستن کي ٻڌائي رهيو ۽ دوست ان وشواس سان ٻڌي رهيا هئا تہ هن اهو غزل ضرور ڪنهن پراڻي ”شمع“ يا ”بيسوي صدي“ جي پرچي مان چورايو هوندو.

”عزيز صاحب، هيءُ شعر توهان اڄ ئي ناهيو آهي يا ٻہ ٽي سال پراڻو ناهيل شعر اڄ اچانڪ ياد اچي ويو اٿو؟ سانوري چهري ۽ ا گهاٽين ڪارين مڇن واري هڪ بابوءَ پنهنجي سڄي اک کي ٽورو پڇندي پڇيو. آس پاس ۾ ويٺل سيني ماڻهن جو چهرو سرهو ٿي پيو.

” هيءُ منهنجو بلڪل تازو ٺهيل غزل آهي.“ عزيز صاحب عدالت جي ڪٽهري ۾ بهي قسم نامي تي بيان ڏيڻ جي نموني ۾ چيو، ۽ اکين سان سيني جي چهرن کي ڏسندي هن هلڪي مشڪراهٽ سان چيو ”پنهنجي ديوان کي تہ ڪڏهين ڪير کوجنا ڪندڙ ئي ڇنڊ ڇاڻ ڪندو.“

هڪ فرمائش ڪندڙ ڪجهہ ڪهڻ لڳو جنهن کي ”ڇي“ ”ڇي“ جي آواز ۾ دٻايو ويو ۽ ان ڪهاڻ کي بريڪ ڏيڻ جو مطلب هو تہ ڪمشنر صاحب پنهنجي ڪمري ۾ تشريف فرمائي اچي ويو هو. ڪجهہ پلڪن ۾ سرجيتسنگهہ ولد گرميتسنگهہ جي فائيل هڪ ميز تان ٻئي ميز تي ڪاروائيءَ لاءِ وڃي چڪي. سرجيت سنگهہ ولد گرميتسنگهہ مسڪرائيندو هال کان ٻاهر هليو ويو ۽ جنهن بابوءَ جي ميز تان فائيل وئي هئي اهو بابو پنجن روپين جي نوٽ کي سنڀاليندي چانهہ پيئڻ وارن جي جم گهٽ ۾ وڃي شامل ٿيو. عزيز صاحب هاڻ ڪافي ڌيمي آواز ۾ پنهنجي غزل جو اڳلو نظير ٻڌائڻ لڳو.

نهنجي پوليس منهنجي بادشاهي ڪيندي؟ مان پوليس جي
ون ننگو ٿي ڀهندس ۽ چوندس تہ ڪيڏو منهنجي بادشاهي. اسان
ڪنهنجي بادشاهي ڪيندي پوليس؟ هيءُ مون سان گڏ ٿي
اهہ ڀيا بہ آهن..... هيءَ منهنجي ڀاءُ جي ٻيواهہ وڌوا آهي......
ن ڀاءُ جي جنهن کي پاڪستان ۾ ٽنگون پڪڙي چيريو ويو هو.
ۓ منهنجي ڀاءُ جو ڇوڪرو آهي جيڪو هاڻي ساهہ جو مريض ٿي
ڪو آهي ۽ هيءَ منهنجي ڀاءُ جي نياڻي آهي جيڪا شاديءَ لايق
ڇڪي آهي. هن جي وڏي ڀيڻ پاڪستان ۾ آهي. اڄ مان انهن
ي کي بادشاهي ڏني آهي. وڃ! وني اڄ پنهنجي پوليس کي اها
ي انهن سيني جي بادشاهي ڪڍي ڪتا سالا....''

اندران ڪيترا ڪلارڪ بابو ٻاهر نڪري آيا. '' ڪتا سالا'' ٻڌي
راسي پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري ويو. هو غصي ۾ اچي هن
هوءَ کي ٻانهن کان وٺي گهلڻ لڳو. هاڻي توکي ماري ماري.....''
پراسيءَ ماڻهوءَ کي پنهنجي ٽنل قاتل پراڻي بوٽ سان ٺوڪر هڻئي.
ري ۽ ڇوڪري گهبرائجي، پاڻ سنڀالي اتان ٿورو پريرو ٿي ويون
وڪرو روئڻ لڳو.

ڪلارڪ بابو پيڙ کي هٽائيندي اڳتي وڌي آيا ۽ انهن چپراسيءَ
پڪڙي پري هٽائي ڇڏيو. چپراسي ٻڙ ٻڙائيندو رهيو. '' ڪميڻو!
نهن جاءِ جو. آفيس ۾ اچي گاريون ٿو ڏيئي. مان تو هاڻي
ي....''

'' هڪ نہ پر توهان سڀ جو سڀ ڪتا آهيو'' هو ڪرڙوڊ چوندو
يو '' توهان بہ ڪتا آهيو، مان بہ ڪتو آهيان. فرق صرف ايترو
ي تہ توهان سڀ سرڪاري ڪتا آهيو اسان ماڻهن جون هڏيون ٽا
سيو ۽ سرڪار جي طرفان پوڻڪندا ٽا رهو. مان '' پرماتما جو
تو'' آهيان. ان جي ڏنل هوا کائي ڪري جيئان ٿو ۽ ان جي طرفان
ڻڪان ٿو. ان جو گهر انصاف جو گهر آهي. مان ان جي گهر جي
ريداري ڪريان ٿو. توهان سڀ ان جي انصاف جي دولت جا ڦٽيرا

”ٻن سالن کان درخواست ڏيئي رکي آهي ته نالي طور زمين جي ٻهاني جيڪا توهان مون کي کڏ اٿلات ڪئي آهي،ان جي بدلي زمين ڏيو، مگر ٻن سالن ۾ اها درخواست ٻه ڪمرا ٻه پار نه ڪري سگهي آهي “ هو ماڻهو چوندو رهيو ” هن ڪمري کان هن ڪمري تائين درخواست کي وڃڻ ۾ وقت گهرجي هن ميز تان هن ميز تائين وڃڻ ۾ درخواست کي وقت ته لڳي. سرڪار وقت ڪيڏي رهي آهي. مان اڃي ويو آهيان، پنهنجو سڄو گهر ٻار پاڻ سان وٺي هت آيو آهيان، ونو جيترو وقت توهان کي ونڻو آهي...ستن سالن جي بک مري ءَ کان پوءِ مون کي زمين ڏني ويئي. ...سو ويسن جي کڏا ڇا ان ۾ مان پنهنجي پيءَ ڏاڏي جو هڏيون پوريان؟ درخواست ڏني اٿم ته مون کي سو ويسن جي بدران چاهي پنجاهه ويسا ڏنا وڃن پر زمين ته ڏيو! مگر درخواست ٻن سالن کان وقت وٺي رهي آهي. مان بکَ مري رهيو آهيان ۽ درخواست وقت وٺي رهي آهي.! “

چپراسي منهن ۾ گهنج ۽ اکين ۾ ڪروڌ پائي اٿيو ۽ آس پاس جي ڀيڙ کي هٽائيندو هو هن ڪرزوڙ ماڻهوءَ وٽ اچي پهتو. ”اي مسٽر- نڪر هتان ٻاهر“ چپراسيءَ تيز آواز ۾ چيو

” هل.....اُٿ....نڪر ٻاهر.....‘ مسٽر هتان اُٿي نٿو سگهي“ هن ڪرزوڙ ماڻهوءَ چيو. ”مسٽر هتي جو بادشاهه آهي. پهرياتين مسٽر ديس جي بي تاج بادشاهن جي جڳهه پڪاريندو هو. پر هو هاڻ ڪنهن جي جڳهه ڪونه ٿو پڪاري ڇاڪاڻ ته هو خود بادشاهه آهي، بي تاج بادشاهه. هن کي ڪائي لڄ شرم ڪونهي. هن تي ڪنهن جو حڪم ڪونه ٿو هلي. سمجهيو چپراسي بادشاهه.“

” اڄهو ٿي هاڻي توکي خبر پوي ته توتي ڪنهن جو حڪم هلي ٿو يا نه “ چپراسيءَ بادشاهه وٽ گرم ٿيندي چيو ” جلدي ٿي پوليس جي حوالي ڪيو ويندين ته سموري بادشاهي نڪري ويندئي.“

” هه ها! هه ها!! “ بي تاج بادشاهه ٽهڪ ڏيئي کليو.

اري پڙهائي ڪري ٻه اکر ايجاد ڪيا.... ’شايد‘ ۽ ’لڳي پڳي‘.
شايد‘ توهان جا ڪاغذ متي ويا آهن، ...’لڳي پڳي‘ ڪاروائي پوري
ي چڪي آهي. ’شايد‘ مان ڪڏ تہ ’لڳي پڳي‘ ۾ وجهي ڇڏ ۽ ’ لڳي
ڳي‘ مان ڪڍ تہ ’شايد‘ جي نرڪ کوھ ۾ غرق ڪري ڇڏ. اِها توهان
جي دفتري تعليم آهي. ’ لڳي پڳي‘ تن ڇئن مهنن ۾ تحقيقات
ٿيندي. ’ شايد‘ مهني ٻن ۾ رپورٽ اچي ويندي. مان اڄ ’شايد‘ ۽
لڳي پڳي‘ ٻئي گهر ڇڏي آيو آهيان. مان هتي آهيان ۽ هتي ئي
هندس. منهنجو ڪم ٿيڻو آهي تہ اڄ هي ٿيندو ۽ هاڻي هي ٿيندو.
وهانجي ’ شايد‘ ۽ ’ لڳي پڳي‘ جا گراهڪ هي ٻيا گهٽيئي سپ بينا
هن. اوهان اِها نڳي انهن ٻين سان ڪريو....“
ڪلارڪ بابو پنهنجي همدرديءَ مان نراش ٿي هڪ ٿي
اپس اندر آفيس ۾ وڃڻ لڳا.
” وينو آهي وهڻ ڏيوس“
” بڪي ٿو بڪڻ ڏيوس“
” حرامي! بدمعاشيءَ سان ڪم ڪرائڻ ٿو چاهي.“
” ليٽ هم بارڪ هم سيلف ٽ ڊيٽ (هنڪي پنهنجو پاڻ تي
سندس مرڻ تائين ڀونڪڻ ڏيو.“)
ڪلارڪن سان گڏ چپراسي بہ ٻڙ ٻڙائيندو موٽي اچي سٽول تي
يهي رهيو. ”مان تہ حراميءَ جا ڏند پچي ڇڏيان هان. ڪلارڪ بابو
حاڪم آهن ۽ حاڪمن جو چوڻ مڃڻو ئي پويٿو نہ تہ جيڪر....“
”ازي بابا، شانتيءَ کان ڪم وٺ. هتي منٽ ۽ پئسي سان
ڪم ٿيندو. ڏونس دڙڪي دباءَ سان ڪجهہ نہ ٿيندو. “ پيڙ مان
ڪير هن ڪرڙوڙ کي سمجهائڻ لڳو. هو اُتي ڪڙو ٿيو. ”مگر پرماتما
جو حڪم هر هنڌ هلندو“ هن خميص لاهيندي چيو. ” ۽ پرماتما
جي حڪم سان اڄ ٻي تاج بادشاهہ ننگو ٿي ڪمشنر صاحب جي
ڪمري ۾ ويندو. اڄ هي ننگيءَ پنيءَ تي صاحب جا چهبڪ کائيندو.
ڄ هو بوٽن جي ٺوڪر کائيندي پراڻ ڏيندو ليڪن هو ڪنهن جي

ڏاڪو آهيو. توهان تي پوئنڪڻ منهنجو فرض آهي اهو منهنجو مال
جو فرمان آهي. منهنجو توهان سان جنم ذات وير آهي. ڪتي
ڪتو هي دشمن ٿيندو آهي. توهان منهنجا دشمن آهيو ۽ مان توهان
جو دشمن آهيان، توهان گهڻا آهيو ۽ مان اڪيلو آهيان. ان ڪر
توهان سڀ ملي ڪري مون کي ماريو. مون کي هتان ڪڍي ڇڏيو
ليڪن وري به مان پوئنڪندو رهندس، توهان منهنجو پوئنڪڻ ب
ڪري نه سگهندا. منهنجي اندر منهنجي مالڪ جو نور آهي، منهنج
واهگروءَ جو تيج آهي، مون کي جتي به بند ڪندا مان اتي
پوئنڪندس ۽ پوئنڪي پوئنڪي اوهان سيني جا ڪن ڦاڙي ڇڏيندس
سالي، آدمين جا ڪتا، چوسيل ۽ جوئنيءَ هڏين تي مرڻ وارا ڪتا، پ
لوڏي لوڏي جيئڻ وارا ڪتا....''

'' باباجي بس ڪريو'' هڪ بابوءَ هٿ جوڙي چيو. '' ماڻه
تي رحم ڪريو ۽ پنهنجي هيءَ سنت واڻي بند ڪريو توهان ٻڌايو
توهانجو ڪيس ڪهڙو آهي ۽ توهانجو نالو ڇا آهي؟''

'' منهنجو نالو آهي ٻارهن سو ڇويهه پاڻي ستر (٢٢٦/٧٠
مون کي منهنجي پيءُ ماءُ جي ڏنل نالي کي ڪاٽي ويا توهان جه
ڪتا. هاڻي اهو نالو آهي جيڪو توهانجي آفيس جو ڏنل آهي. ما
ٻارهن سو ڇويهه پانڱي ستر (١٢٢٦/٧٠) آهيان. منهنجو ٻيو ڪو نا
۽ پتو ڪو نه آهي. منهنجو نالو ياد ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڊائريءَ
لکي ڇڏيو. واهگرو جو ڪتو ٻارهن سو ڇويهه پانڱي ستر (١٢٢٦/٧٠)

'' باباجي اڄ وڃو. سڀاڻي پرينهنءَ وري اچجو. توهانج
درخواست جي ڪاروائي '' لڳ پڳ'' پوري ٿي چڪي آهي...''

'' لڳ پڳ '' پوري ٿي چڪي آهي ۽ مان به 'لڳ پڳ' پورو ٿ
چڪو آهيان. هاڻي صرف ايترو ئي باقي ڏسڻو آهي ته پهريائين ا
ٿي پوري ٿئي يا پهريائين مان ٿو پورو ٿيان. هڪ طرف سرڪار
هنر آهي ۽ ٻئي طرف پرماتما جو هنر آهي. اوهانجو 'لڳ پڳ' دف
۾ ئي رهندو ۽ منهن جو '' لڳ لڳ '' ڪفن ۾ پهچي ويندو. حرامزاد

ڪنهن به نه پڙو قسم وجهندو رهيس ڪنهن به پرواهه نه ڪئي.“

چپراسيءَ چڪر مٿي ڪئي ۽ هو ماڻهو ڪمشنر صاحب سان گڏ ڪمري ۾ اندر ويو. گهنٽي وڳي، فائيل چري ڪلارڪن جي حاظري تي ۽ اڌ ڪلاڪ ۾ بي تاج بادشاهه مسڪرائيندو ڪمري کان ٻاهر نڪتو. ٻاهر انتظار ۾ بينل پيڙ هنڪي ڏنو ته هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو ”ڪئن وانگر ويچارو تي ڏسڻ سان ڪجهه نه ٿيندو. پوئنڪو، پوئنڪو، سيبئي گڏجي پوئنڪو، پاڻمرادو حرامين جي ڪنن جا پڙدا ڦاٽي پوندا. پوئنڪو، ڪتا پوئنڪو....“

هنجي ياجائي ٻنهي ٻارن ڪي پاسي ۾ ٻهاري سندس راهه ڏسي رهي هئي. هو ٻنهي ٻارن جي ڪلهن تي هٿ رکي سچ پچ بادشاهه وانگر سڙڪ تي هلڻ لڳو.

”حياءَ وارا آهيو ته لڄ شرم ۾ پنهنجا منهن هيٺ ڪري بينا رهو. درخواستون ٽائيپ ڪرايو ۽ نل جو پاڻي پيئندا رهو. سرڪار وقت وٺي رهي آهي. بي حياءَ بڻو. بي حيائيءَ ۾ هزار برڪت آهي.“

هو اوچتو روڪيو ۽ زور سان کلڻ لڳو.

”يارو بي حيائيءَ ۾ هي هزار برڪت آهي.“

هن ماڻهو جي وڃڻ بعد ڪمپائونڊ ۾ ۽ انجي آس پاس چڻ ته ماتمي وايو منڊل گهرو ٿي ويو. پيڙ آهستي آهستي ٽڙي پکڙي پنهنجي پنهنجي جڳهه تي هلي ويئي.

چپراسيءَ جون ٽنگون وري سٽول تي ڪجي ويون. سامهون هوٽل تان نوڪر ڪلارڪن جي ڪمري ۾ چانهه جو هڪ سيٽ کڻي آيو. عريضي نويس جي ٽائيپ مشين وري هلڻ لڳي ۽ ٺڪ ٺڪ جي آواز سان گڏ سندس ڇوڪرو وري پنهنجو سبق دهرائڻ لڳو پي - اي-اين - پين - پين معنيٰ قلم ايڇ-اي-اين - هين - هين معنيٰ مرغو. ڊي - اي-اين - ڊين - ڊين معنيٰ انڌيري غفا.

منٿ ۾ جي حضوري ڪونہ ڪندو. ڪنهنکي پئسو ڪونہ ڏيندو، ڪنهن جي خوشامند ۾ پوڃا ڪونہ ڪندو، تہ هاڻ واهگروءَ جو نالو ونئي ڪري....''

هو پنهنجي چوٽيءَ کي ڪرٽيءَ ۾ عمل ۾ آڻي ان ڪان اڳيئر پيڙ مان ٻن ٽن جڻن هنجي هٿن کي پڪڙي ورتو ۽ هو بي تاج بادشاهہ پنهنجي هٿن کي ڇڏائڻ لاءِ ڪشمڪشا ڪرڻ لڳو.

اچانڪ پيڙ ۾ دهشت ڇائنجي ويئي.ڪمشنر صاحب پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو هو. هو پنهنجي نرڙ ۾ منهن جي گهنجن کي تيز ڪندو پيڙ وٽ پهچي ويو ''ڇا ڳالهہ آهي؟ توکي ڇا گهرجي؟''


''توهان سان ڳڏجڻ چاهيان ٿو صاحب!'' هن شخص صاحب کي گهوريندي ڏسندي چيو. ''سو ويسن جي هڪ ڪڏ منهن جي نالي ائلاٽ ٿي آهي. اها ڪڏ واپس ڪرڻ چاهيان ٿو تہ جئين سرڪار ان مان هڪ تلاءُ ٺهرائي تہ جتي هر روز شام جو آفيسر ماڻهو اچي اتي مڇيون مارين يا تہ سرڪار ان ڪڏ کي هڪ تختاني جو روپ ڏيئي جتي مون جهڙن ڪتن کي سرڪار بند ڪري سگهي....''

''وڏيڪ گهڻو نہ ڳالهاءِ! پنهنجو ڪيس ڪٺي مون وٽ اچ''

''منهنجو ڪيس مون وٽ ڪونہ آهي، صاحب ، ٻن سالن کان ونئي سرڪار وٽ آهي. مون وٽ تہ صرف پنهن جو شرير ۽ ٻہ ڪپڙا آهن. ڇئن ڏينهن ڪانپوءِ اهي ٻہ نہ رهندا انڪري انهن کي اڄ ئي لاهي ٿو ڇڏيان. باقي صرف وڃي رهندو ٻارهن سو ڇويهہ پانگي ستر (١٢٢٦/٧٠) اهو ٻارهن سو ڇويهہ پانگي ستر (١٢٢٦/٧٠) پرماتما جي حضور ۾ موڪليو ويندو''

'' ڳالهائڻ بند ڪر ۽ مون ساڻ ڳڏ هل''

ڪمشنر صاحب پنهنجي ڪمري جي طرف هلڻ لڳو ۽ اهو ماڻهو ٻہ خميص ڪلهي تي رکي ساڻس ڳڏ هلڻ لڳو. ''ٻہ سال چڪر ڪاٽيندو رهيس ليڪن ڪنهن ٻہ نہ ٻڌو. خوشامند ڪندو رهيس



سلامتراءِ اوچيرام گرباڻي

جنم : گمبٽ خيرپور رياست، ١٢-٦-١٩٢٦.

تعليم : ايم. اي. (سوسالاجي) ايل. ايل. بي.

هاڻي : ايڊووڪيٽ، نوٽيري پبلڪ.

پتو : ٢٠٢، ڪنور نگر، جئپور-٣٠٢٠٠٢، فون : ٦٣٥٥٧٣.

ميمبر ۽ خزانچي راجستان سنڌي اڪادمي.

سيڪريٽري، سنڌو جيون ڌارا.



نو آکاڻيون